# اسان پاران

پشو پاشا سنڌي ادب ۾ اڻ اڀ ٿي چڪو آهي، ان حد تائين جو محترم جمال ابڙي وٽان ڪاپي نہ ملي سگهي .

اشاعتي ادارن جي ڪوٽ اسانجي ادب کي ذري گهٽ اڌ رنگ جي مرض ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي، نتيجو اهو آهي جو پشو پاشا جهڙو مقبول ادبي ڪتاب بہ دستياب ڪونهي، ان ضرورت کي محسوس ڪندي، اسان هن مجموعي کي ترجيحي بنيادن تي شايع ڪرائي رهيا آهيون . تہ جيئن ان خواب کي حقيقت جو روپ ڏيئي سگهون، ۽ سنڌي ادب جي گهٽگهرن جي ادبي اُڃ کي اُجهائي سگهون.

اسان جو ادارو محترم جمال ابڙي جو بہ شڪرگذار آهي، جنهن اسان کي هن مجموعي شايع ڪرائڻ جي پر خلوص اجازت ڏني آهي، پروگرام مطابق اسانجو ايندڙ ڪتاب ”چونڊ سنڌي افسانن جو مجموعو“ هوندو. جنهن ۾ هر دور جي افسانہ نگارن جي شاهڪار ڪانسواءِ افساني جي فن ۽ ارتقا تي هڪ جامع مقدمو بہ شامل هوندو .


**محمد سليم ميمڻ**

سيڪريٽري

**ورسٽي سنڌي پبليڪيشنس**

ڪراچي يونيورسٽي

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو سنه ١٩٥٩ع ۾ زندگي پبليڪيشن وارن ڇپايو. مان ڀاءُ حميد سنڌي ۽ سنڌس ساٿين جو ٿورائتو آهيان جن وڏي شوق سان محنت ڪري ڪتاب شايع ڪرايو. ڪتاب جو نالو به ڀاڻ ئي تجويز ڪيائون.

ٻيو ڇاپو جو توهان جي سامهون آهي سو حقيقت ۾ ٽيون ڇاپو چئجي ته درست ٿيندو ڇاڪاڻ ته سنه ١٩٧٢ع طارق اشرف ڪهاڻين جو مجموعو "بدمعاش" نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ سندس چوائي ڪتاب جون سڀئي ڪاپيون هڪ ئي ڏينهن ۾ صرف حيدرآباد شهر ۾ وڪامجي ويون.

مان سنڌ واسين جو ڏاڍو ٿورائتو آهيان جن هنن ڪهاڻين جو قدر ڪري انهن کي ۽ مون کي مان بخشيو ۽ هن ڪتاب کي ايم-اي جي ڪورس لاءِ منظور ڪيو.

منهنجي نظر ۾ صحيح ادب اهو آهي جو عام ماڻهن ۾ نه رڳو پنهنجي حقن جي ڄاڻ ڏئي، پر انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سنجهن امنگ ۽ اتساهه ۽ پاڻ ۾ مڪمل اعتماد ڪري ته هو نه پنهنجي طاقت سان پنهنجا حق ڦورو طبقن کان حاصل ڪري سگهن ٿا.

مان چئي نٿو سگهان ته منهنجون ڪهاڻيون هن ڪسوٽي تي ڪيتري قدر پوريون اينديون. بهر حال مون کي چڱي پر ڄاڻ آهي ته مون سنڌ ڌرتي جو حق ادا نه ڪيو آهي ۽ نه پنهنجو قرض چڪائي سگهيو آهيان.

مان صرف ايترو چاڻان ٿو تہ جناب اياز حسين قادري جي چوڻ تي مون ڪهاڻين ڪي وري نظر مان ڪڍيو، ۽ مون ڪي منجهن ڪاٿي مٿا سٿا ڪرڻ جي ضرورت نظر ڪانہ آئي، سوائي ڪن ڇاپي جي غلطين جي ۽ اکرن جي اڳتي پوئتي ٿي وڃڻ جي .

مان پروفيسر اياز قادري، سليم ميمڻ صاحب ۽ سنڌن ساٿين جو بيحد شڪر گذار آهيان، جن وڏي جاکوڙ ڪري، وڏي چاهہ مان ڪتاب جو هيءُ ڇاپو ڇپارائيو آهي .

جمال ابڙو
ڪراچي
١-٦-٧٦

# فهرست


| | |
|---|---|
| تعارف | الف |
| انتساب | ب |
| سان مرد | ١ |
| بد تميز | ١٢ |
| پيراڻي | ١٦ |
| شاه جو ڦر | ٢٠ |
| بد معاش | ٢٥ |
| سنهن ڪارو | ٣٢ |
| هُو حُر هو | ٤٠ |
| ڪارو پاڻي | ٤٥ |
| مهرباني | ٥٣ |
| خميسي جو ڪوٽ | ٦٠ |
| لاري | ٦٤ |
| پشو پاشا | ٧٢ |
| پاڇا | ٩٦ |
| خط ۽ تبصرا | ١٠٣ |

# تعارف

ڪنهن ادبي مجموعي کي عام اکيان آڻڻ کان اڳ، هيءَ هڪ رسم بڻجي چڪي آهي ته ان بابت ٻين کي صفحا تعارف طور لکجن يا لکرائجن. هڪ ڳالهه اها چيز ڏاڍي مفيد ۽ بامقصد معلوم ٿئي ٿي، خصوصاً تڏهن جڏهن ڪتاب جي مصنف جي فني ۽ تخليقي تجربن، ذهني لاڙن ۽ نظرين جو تفصيلي ۽ تدريجي مطالعو پيش ڪيو وڃي، ۽ ادبي دنيا ۾ سندس تصنيف جي اهميت ۽ افاديت جو جائزو ورتو وڃي. جمال ابڙي جي هن پهرئين افسانوي مجموعي، "پشو پاشا"، تي اهڙي ئي قسم جو هڪ مفصل جائزو ڪنهن اعليٰ اديب کان لکرايو وڃي ها، ته هوند بهتر ٿئي ها، تنهن کان به بهتر ٿئي ها، جيڪڏهن پنهنجن افسانن جو تعارف پڙهندڙن سان جمال پنهنجي قلم سان پاڻ ڪرائي ها. سردست، مون کي ته سچ پچ اهڙي ڪا خاص ڳالهه سُجهي نٿي ڪانه، تي اچي، جا ان سلسلي ۾ هتي آءٌ پيش ڪري سگهان. حقيقت هيءَ آهي ته جنهن اوچي ادبي معيار تي جمال هن وقت پهتل آهي، ۽ جيتريقدر هو ٿوري ئي عرصي ۾ هڪ عام پسند افسانه نگار جي حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي، انهيءَ تي

اوترڻدر نئي تفصيل ۽ توجهه سان لکڻ جي ضرورت آهي. ساڳئي وقت، سنڌ ۾ مختصر افساني جي صحيح معنيٰ ۾ ڄڻ ابتدا ئي اڃا هاڻ ٿي آهي، ۽ اسان جا اديب توڙي نقاد سنڌي افساني، افسانه نگاريءَ جي فن، ان جي تازه ترين تنقيدي قدرن، توڙي ان جي لازمي جز بڻجندڙ مقامي رنگ ۽ مزاج جي باري ۾ ڪن واضح نتيجن جو تعين نه ڪري سگهيا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ خود مختصر افساني جي صنف متعلق ۽ ان صنف جي ڪنهن معياري اديب جي ڪاوشن متعلق ڪا شمار ۾ اچڻ جهڙي ڳالهه پوريءَ چنڊڇاڻ ۽ تورتڪ سان پيش ٿي سگهي، اهو البت هڪ دقيق ۽ تفصيل طلب معاملو آهي، جنهن لاءِ آءٌ پاڻيان ٿو ته هنن صفحن ۾ نه موقعو آهي ۽ نه گنجائش ئي ڪا نڪري سگهي ٿي. هن مجموعي جي ڪن افسانن تي رسالي ”مهراڻ“ ۾ چڱو خاصو تنقيدي سلسلو هلي چڪو آهي، جنهن کي پڻ ڪتاب جي آخر ۾ شامل ڪيو ويو آهي: انهيءَ مان مصنف جي فني صلاحيتن، سماجي نظرين، ادبي نيتيءَ، سوچڻ جي سليقي ۽ سندس هڪ ڪامياب افسانه نگار هجڻ جو ڪافي حد تائين اندازو لڳائي سگهجي ٿو. جمال جي فنڪارانه خوبين بابت، اجمال طور، آءٌ وڌيڪ صرف ايترو چوندس ته هو هن وقت چوٽيءَ جي سنڌي افسانه نگارن ۾ هڪ منفرد ۽ اعليٰ مقام

تي [illegible]ز آهي.

زنده ٻولين جي نئين ادب جي اشاعت کي اوترينقدر ئي اهم ۽ ضروري سمجهڻ کپي، جيترينقدر سندن قديم ادب جي سهيڙڻ کي. ادب، ساڳئي وقت، انساني سماج کان متاثر به ٿئي ٿو، ۽ ان تي اثر انداز پڻ. هڪ دور جو ادب، ان کري، پئي دور جي سماجي صورتحال کي جنم ڏئي ٿو: گويا اسان جو موجوده معاشرتي معيار اسان جي گذريل ادبي ۽ ثقافتي ڏارائن جي عملي صورت آهي، ۽ مستقبل جي سماجي نظام جي تشکيل وري اسان جي موجوده فکري تحريکن تي منحصر آهي. قديم ۽ جديد ـ ٻنهي قسمن جي ادب جي حفاظت ۽ ترقي، ان کري اسان لاءِ لازم ۽ ملزوم هئڻ جي هڪ اڻل حيثيت وٺي بيهن ٿيون.

ادب انساني سماج جي پيداوار به آهي، ته ان جو عڪاس پڻ. سماجي ۽ تاريخي تبديلين جي اثر هيٺ، وڌندڙ سماجي شعور ۽ بلندتر ذهني معيار جي پيش نظر، ادب پنهنجي هيئت توڙي اسلوب جا نت نوان روپ اختيار ڪندو پئي رهيو آهي. داستان گوئيءَ ۽ داستان نويسيءَ وارو ابتدائي ادب، مختلف مرحلن مان گذرندو، اڄ مختصر افساني جي صورت وٺي اچي بيٺو آهي. بلاشبه، اسان جو هي ادبي دور ”مختصر افساني جو دور“ آهي. پنهنجي وقت ۽ ماحول جي مخصوص مسئلن، زندگيءَ جي ترقي پذير

شعور، ۽ سماج جي موجوده ذهني ڪيفيت ۽ مزاج سان مطابقت قائم رکڻ لاءِ، اڄ جي فنڪار "مختصر افساني" کي وجود ۾ آندو آهي. نئين ادب جي هيءَ نمائنده صنف هڪ ڳالهه ۾ گذريل مڙني فني تجربن ۽ روايتن جو نچوڙ ۽ حاصل آهي. سنڌيءَ ۾ پڻ، ٻين سڌريل ٻولين جي مناسبت ۾، ڪم از ڪم گذريل پنجويهن ٽيهن سالن کان سٺا سٺا ترقي پذير ۽ تعميري افسانا لکجي چڪا آهن - خصوصاً 'ورهاڱي' کان پوءِ جا لکيل اڪثر افسانا اسان جي ادب جو بيحد قيمتي سرمايو آهن. ڏاڍو چڱو ٿئي، جو سنڌي ادب جو هيءُ بهترين ۽ تازه ترين مواد ڪنهن خاص اهتمام، ترتيب ۽ سليقي سان ڪتابن ۾ محفوظ ٿي وڃي. سنڌي ٻوليءَ کي هوندئن به ڪو باذوق، دور رس نگاهن وارو، اورچ ۽ سليقه مند ناشر ڪڏهن خير ڪو نصيب ٿي سگهيو آهي، پر بدقسمتيءَ سان هن وقت ته اهڙو ڪو ادارو، ڪم از ڪم هتي سنڌ ۾، موجود ئي ڪونه ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي، جو جديد سنڌي ادب جي باقاعدي ۽ معياري اشاعت لاءِ تيار هجي. "زندگي پبليڪيشن" جا نوجوان ۽ حوصله مند بانيڪار انهيءَ ڏس ۾ جيڪو تحرڪ وٺي رهيا آهن، سو بيشڪ ڪارگر ۽ قابل قدر آهي.

جديد سنڌي ادب جو هرڪو پڙهندڙ جمال ابڙي جي نالي کان واقف آهي. جمال انصاف جي ڪرسيءَ تي

شاعر، ورڊس ورٿ، هڪ پيري رستي ويندي، شهري زندگيءَ جي گوڙ گهمسان کان بلڪل دور، ٻهراڙيءَ جي خاموش ۽ پاڪيزه فضا ۾، ڪنهن حسين و جميل ۽ معصوم ڳوٺاڻي نينگريءَ جو ڪو دل لڀائيندڙ ۽ امنگ ڀريو گيت ٻڌي ورتو هو، ۽ هڪ پيرو ٻڌل اهو گيت هن جي دل جي ڪنن ۾ سڄي عمر گونجندو رهيو. حسن جي سحر آفريني لازوال آهي. حسين شي جو مشاهدو ۽ مطالعو جيترو گهڻو، اوترو ٿورو. مختصر افسانو نثري ادب جو معراج آهي، ۽ نثر آتي پهچي وڃي شعر ۽ تغزل سان همدوش ٿو ٿئي. ڪامياب مختصر افسانو پنهنجيءَ جاءِ تي لفظن جي چونڊ، معنيٰ ۽ مطلب جي وسعت، جذبات جي لطافت ۽ گهرائيءَ ۽ پنهنجي آخري تاثر جي لحاظ کان نثري شعر آهي. ۽ جمال ڪامياب افسانا لکي چاڻي، ان لاءِ سندس هي افسانا شاهد آهن، جيڪي هن مجموعي جي صورت ۾ پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ٿي رهيا آهن.

— محمد ابراهيم جويو

ڪراچي
١- سيپٽمبر، ١٩٥٩

# انتساب

**تنهنجي** نالي، جنهن جي خبر صرف توکي آهي.

منهنجي دل جي ننڍڙي ۽ ڪچڙي "رباب" کي تو پنهنجي آڱرين جي "الف" سان ڇيڙي ڇڏيو. نئون ننڍڙو رباب، اڃان بي ڪا تان سکيو ئي ڪونه هئو. بس تنهنجي نالي جا نغما آلا پيندو رهيو. دل جي دک دک، نبض جي هلچل، ساهه جي اچ وڃ مان تنهنجي نالي جو هلڪو هلڪو ساز وڄڻ لڳو. منهنجو سڄو بدن تنهنجي نالي جي تان سان نررڻ لڳو. منهن جي دل ۽ ساهه جي ڦڙڪڻ، سڄي فضا ۾ تنهنجي نالي جو نغمو ڦهلائي ڇڏيو. منهنجي جسم جي ذري ذري مان، تنهنجو نالو ڦٽي ڦٽي ٻاهر نڪرندو رهيو. تنهنجي نالي جا ننڍڙا رابيل منهنجي چوڌاري هوا ۾ اڏامندا رهيا. مان سڄي سڌ ٻڌ وڃائي، تنهنجي نالي جي رابيلن جي سونهن ۽ سڳنڌ ۾ ڪم ٿي ويس.

اها ابدي سونهن ۽ سڳنڌ ڀلا ڪيڏانهن ويندا! اهو دل جو رباب ڪيئن بند ٿيندو! قيامت تائين وڄندو رهيندو. پوءِ به وڄندو رهندو. ستل ديوتائن کي اٿاريندو رهندو. ٿڌي ۽ ڪومل گونج سان جاڳائيندو رهندو. تتل ربابن کي ڇيڙيندو رهندو. ڪائنات جي خلاؤن ۾، زمان ۽ مڪان جي بندشن کان بي نياز، اها ابدي گونج پيدا ڪندو، جو هر جز ۽ ڇيڙي اجهاءي

سينل تي ويندي - پوءِ ڪنهن جو ساز نہ ٽنندو ڪنهن جو "رباب" نہ پڄندو.

ڏس تہ سهڻين! تنهنجي ناليءَ ڇا تہ ڪري ڇڏيو. منهنجي جذبات جي نفيس تارن کي ڇيڙيو. منهنجي دل جي گهراين ۾ ترنم پيدا ڪيو. منهنجي دماغ ۾ ٽنٽن ۾ طلاطم وڌو. ڇوليون ۾ لهرون اٿيون، اٿل ۾ ٻوڏ ٿي - ڇا ڇا نہ ٿيو.

تنهنجا لک ٿورا - تو منهنجي جسم کي جلائي، پچائي، هڙٻائيون ڪري ڇڏيو. ان مان چڻنگون نڪتيون - هاڻي سڄو تن تنبورو آهي.

مان تہ نہ اديب هئس نہ خان - پر تنهنجي ناليءَ سان "هم" آهنگ ٿي ڇا نہ ٿي پيس. اعتبار نٿو اچيئي - ڏس نہ، مان پاڻ تنهنجو هڪ شاهڪار افسانو بڻيو وڃان - هي جگر پارا تہ انجي آگرين مان نڪتل ڪي چند چڻنگون آهن - ان جي جسم مان جي مسلسل شعلا ۽ جوالا ڦاٽي فضائن ۾ جذب ٿي ويا، تن جو نہ ڪا ٿو ئي ڪونهي.

توکي هي ڇيڙا وڻن نہ وڻن، پر آهن تہ تنهنجا.
لکڻ مهل ائين پيو ڏسان تہ تون مٿان آهين.
پوءِ تہ اکيون ۾ ڳل ڳرم ٿيو وڃنم - جگر جا ٽڪرا، دل جي اونهائين مان ڪڍندو، هڪ هڪ ڪندو، توکي ڏيکاريندو وڃان، اڳيان رکندو وڃان - ڪيڏي نہ چاهنا اٿم تہ تون انهن کي پنهنجو ڪرين، تنهنجا ئي تہ آهن!

هتن ۾ ڪا ڇڻڻي موٽي عشق جي ڳالهه ڏنهه ؟ پيلا منهنجو پيار ڪو پنيءَ ہوڙ، گوڏي ہوڙ ته ڪونه هو- تارئون تار هو، اٿاهه سمنڊ هو، بس پيار ئي پيار هو- اتي مون ڪروڙين دليون لڙهنديون ڏٺيون، ڦٽيل ۽ ڦٽڪندڙ- انهن سان پيار ۽ توسان پيار ۾ ڪو فرق ؟- پيار پيار سان مليو- روئي روئي مليو- هنجون هاري مليو- جوش ۾ آيو، آپامبو- لهرون آيون، ڇوليون آيون- وير چڙهي، اڳتي وڌي ڪاهي آئي، وڌندي رهي- بہ چار ڦڙا ڪٽي، مان توڏي ڏٺس- ڪروڙين دلين جو نچوڙ، توکي ڏيکاريم، توکي ٻڌايم- پيار جو سمنڊ ڪاهيندو اچي- ڪوڙ ۽ ڪلفت کي ٻوڙيندو اچي- پيار وارا مرڪڻ لڳا- اتي آدر ڀاءُ ڪرڻ لڳا- تون سنديس آجيان نہ ڪندينءَ ؟-

آءٌ ته تنهنجي قربت ۾ هي رباب وڄندو رهي، سونهن ۽ سڳنڌ کي ڌڪيڙيندو رهي- تنل تارن کي جوڙيندو رهي- وسريل نغمن کي ڳائيندو رهي-

تنهنجي نالي ... تنهنجي نالي ... تنهنجي نالي ... تنهنجي نالي تنهنجو جمال-

## "مان مڙن"

جنهن پيار پيدا ڪيا ۽ پاليا، جنهن سڄي عمر پيار ۽ خلوص سان خدمت ڪئي، جنهن پنهن جي سونهن ۽ عصمت ڏني، جنهن ڏک سک ۾ ڳوڙها ڳاڙي صبر ۽ شڪر ڪيو، جنهن پنهنجو خون انساني گلڙن کي پياريو. ڇا ان لاءِ سنڌس پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي جيون ساٿيءَ وٽ به جاءِ ڪانهي.

**مان** تڏهين ننڍو جوانڙو هجان ڳاڙهو ڳاڙهو ڳنڀول، لڳ سڊول. ٻانهن ڪي ٻانهن ڏسي خوش ٿيو ٿيان. تيل قليل ڪري وارن کي سينگاري ٻاهر نڪران، ٻانيان ته سيڪو پيو مونکي ڏسي.

ڪنهن ڇوڪريءَ جي مونتي نظر پيئي ته ڀڪ ٿي ويندم ته ضرور مونتي فدا ٿي هوندي.

ننڍڙي معصومڙي دل، پوءِ ته ولي پنهنجا منڙا ناڙڪ لاهيندي. ڪل جهڙيءَ نينگريءَ کي پنهنجو ساٿي سمجهي ڇا ڇا نه سانس خيالي رهاڻيون ڪندو هوس. ڇرچا ٻوڪ، ٽهڪڙا، ارڏائيون، داد لن جي دنيا.

طبيعت ۾ چلولائي اڪيئي هئي. ٻائيندو هئس، ته ڪي رنگ رليون من مستيون ڪجن. روح پيو اڏامندو هو. ڪڏهن جبلن جي چوٽيءَ تي، ڪڏهن ڪڪرن جي مٿان، ڪڏهن ڇولين جي سيني تي، ڪڏهن ته سمنڊ جي تري ۾، مرجان ڳوليندو وتندو هوس. ڪڏهن

ڪاريءَ تي ٻير ٻيو سڙن، جو پنهنجي وسن جهڙي
مومل جو هن نياڳي سان پلؤ اٽڪايوسين.

منهنجي زال کي صلاح ڏنائون ته ڪهينس، پر
هن ٻوڙهيءَ ڪوڳ جو مڙيئي ڪو مزنتي هرڪ هارجي
ويو هو، سا آنا ڪانا ڪرڻ لڳي. نيٺ مون واري
سالي تيار ٿي ته مان ٿي ڪهانس.

ڪاوڙ ته ڏاڍي لڳيم ته هيءَ ٿياڪڙ ڪير، پر
هوءَ ڇوي غيرت جو سوال آهي. مونکي اکين ۾ پاڻي
ڀرجي آيو. پنهنجي پياري ديس ۾ مون ائين ڪڏهن
نه سوچيو هئو، ته زائفن کي به غيرت ٿيندي آهي،
۽ هو به مڙسن کي ڪارو ڪري ماري سگهن ٿيون.

هڪ رات وجهه وٺي ڪڙي ڪنيم. نوعمر بلڙو،
اڻجاڻ، پتو نه پوي ته ڪاڏي وڃان. مٿان وري
بادشاهي زائفن جي، جتي جيڪا مليم، سا ڪٽيو قابو
ڪريم. جڻ ته مان انسان نه، پر بي جان ڪسرت گاهه
هئس. منهنجي جسم جو ذرو ذرو لبي ڇڏيائون. پاڻ
ڪان ٻڇان اچڻ لڳم.

ڏڪڻ تي وڪامجڻ لڳس. مٿان وري قهر اهو ٿيو،
جو معاملو برادريءَ ۾ پيش ٿيو. اوڙي پاڙي جون
سرداڻيون پڳڙ ٻڌي گڏ ٿيون. مونکي موچڙا هڻي
اصلوڪيءَ زال جي حوالي ڪيائون.

خدا خدا ڪري منهنجي گهر واري، جا هنئين
قبر جي ڪنڌيءَ تي هئي، مري پئي. مون لک شڪرانا
ٻجا آندا. پر اڃي ٻيو مڻ متو. سندس نڻديون وڏيون

اهو آهي پڇاڙيءَ ۾ حال. ڏکر ڪيي لاءِ دڙڪا، ٿاپا ۽ ڌڪا. جنهن ٻار پيدا ڪيا ۽ پاليا، جنهن سڄي عمر پيار ۽ خلوص سان خدمت ڪئي؛ جنهن پنهنجي سونهن ۽ عصمت ڏني؛ جنهن ڏک سک ۾ ڳوڙها ڳاڙي صبر ۽ شڪر ڪيو؛ جنهن پنهنجو خون انساني گلڙن کي پياريو، ڇا ان لاءِ سندس پنهنجي ملڪ ۾ ۽ پنهنجي جيون ساٿيءَ وٽ به جاءِ ڪانهي............ملڪ جي مٽيءَ جو ذرو ذرو سندس خدمت ڪري ته به هن جي ڳڻن جو بار لاهي نه سگهي.

ملڪ جو خيال ايندي، منهنجي دماغ ۾ جوالا ڦاٽي پيو. نه نه منهنجو مٺڙو ملڪ اهڙو ڳڻ چور نه آهي، ستر ورهين ۾ ضرور مٽيو هوندو. ڪو جهنگلي پوتن جو ملڪ نه آهي. منهنجي ملڪ جي مٽياوار مائهن ضرور ڪوپن وانگر ڪنڌ به ڪپائي پنهنجين گگدام مائرن، ڀينرن ۽ نياڻين جا نير ٽوڙيا هوندا. پر جي نه، ته.........منهنجون پوڙهيون نسون ڦنڊ جي پيءِن. هزارن ڪوهن تان پيو ڇا ٿي ڪري سگهيس. نشتر هٿي رت ڪڍيم. رت جي ڌارا سان هيءُ پيغام لکيم. جي توهان تائين پهچي وڃي ته پوڙهي جي رت جو قدر ڪجو! مڙس ٿجو!

## "بد تميز"

مان ساڻس گڏجي
ٽانگي تائين آيس
ڏهين روپين جو
نوٽ ڪڍي هٿ ۾
ڏنو مانس. ڪلي
واپس ڪيائين،
"واهه صاحب، مان
اهڙو بد تميز
آهيان".
ٽانگو روانو ٿي
ويو. ڦيٿا ڦرندا ويا،
سنبن جي ٽاپ ٽاپ
ٽانگي جي ڪڙ ڪڙ
۾...... بيل گاڏيءَ
جا چيڪٽ ملي هڪ
ٿي ويا ........
"بد تميز.........
بد تميز ... ... ...
بد تميز......... "

مان مئجسٽريٽ آهيان. پئسي وارو آهيان، مڇيءَ مانيءَ وارو ۽ ڪجهه هلنديءَ پڄنديءَ وارو. منهنجي ڪـڪڙي بيمار ٿي پيئي. سج بي لٿو، پڇندو ڊاڪٽر ڏي ويس.

ڊاڪٽر صاحب جي ڪمائيءَ جي سيزن، موسم هئي، ڪٿو نه ٿي پڳو. نرڙ ۾ گهنج، چڙيو چڙيو ٿي ويو. مريض پچ پچ ٿي، هي دڙڪن ٿي. مونکي ڏسي مڙڪيو "اچو سائين." دلداري ڏيئي چيائين، اجهو ٿا هلون. تڪڙ ڪانه هئي ويهي رهيس. جيو مانس پيلي ڪم اڪلائي وٺ.

هڪ ڏکي گاڏي چيڪٽ ڪري اچي بيٺي. پلال جي تيلن تي، ڪتل ۽ گريءَ رليءَ ۾، بيمار بيٺو ٿيو پيو هو. جوڻس ٽيڪ ڏيئي وٺي آيس اڌڙوٽ عمر جو، ڪڏون پنجي ويون هنس.

اتر بي لڳو پر هن جي قميص کي بيڙا ڪول هئا. ماس ڪوريل

"ڏهون ڏينهن ٿيو آ. هنيانءَ ۾ چڪ". چپ چباڙيندي، مٿ پڪوڙيندي، انتهائي ايذاءَ جو اظهار ڪندي، مريض چيو. "اهڙي ڪا دوا ڏي، هنيانءَ ٺري پوي."

"سٺي هٽان، سٺي هٽان؟" ڊاڪٽر واپاري انداز ۾ چيو، "چار روپيه لڳندا."

بيمار ۽ سندس زال وري هڪ ٻئي کي ڏٺو. ٻئي چپ رهيا. ڊاڪٽر کي جواب ملي ويو.

نسخو لکڻ شروع ڪيائين، عينڪ جي مٿان نهاريندي پڇيائين "گهٽ ڏينهن جي دوا کپي. ستن ڏينهن جي ڪيان." ڊاڪٽر، گگهي واري نننڍڙي ڪيسي جي ٻاڙائي، چڱيءَ طرح تاڙي ويو هو.

"ڇهن ڏينهن جي ڪرينس." مريض ٻاڙ چيو.

ڊاڪٽر نسخي تي ڪجهه ترڪيو ۽ ڪمپائونڊر ڏانهن اماڻيائين.

مائيءَ دوا ورتي، پئسا ڳڻي، وري ڳڻيائين. ڪليل هٿ ڪٽي ڪمپائونڊر ڏانهن ڪيائين. ذره گهٽ هڙئي پئسا ميڙي ويس. مائيءَ جي منهن تي اعتراض پوءِ منٿ ۽ آخر ۾ رئڻ جهڙا اهڃاڻ اچي ويا. سٺي نه لڳي ته ٻ..........

"ڊاڪٽر، ڪائي چاءِ؟"

"کير، ڪشمش، نارنگيءَ جي رس."

مائي ويچاري چپ ٿي ويئي. "ڊاڪٽر پيٽ ڪائي."

ڊاڪٽر باهه ٿي ويو، "جيڪي وٽيس سو کائي. توهان نه مڙندؤ، مري ته ٻر پيٽ ضرور کائو."

مائيءَ مڙس کي تيک ڏني، سهڪندو، ڪنجهندو وڃي پلال تي ڪريو. سڀ ڪانءُ لڳي، ۽ ڪائڻ لاءِ ڪنڪڻيءَ جا داڻا پاڻيءَ ۾ تڇڪندا نظر آيا.

گاڏي ڇيڪٽ ڪندي روانِي ٿي. منيءَ سوڍا ۽ نارنگيءَ جي رس ڪان پري. مائيءَ جو سرتاج، ابهم جو پيءُ، هن ننڍڙيءَ نظام شمسيءَ جو مرڪز، اوندهه ۾ غائب ٿيندو ويو.

ڊاڪٽر مون سان گڏ جي هليو. ننڍڙيءَ کي تپاسائين، اڌ منو ڪلاڪ ويٺو. سڀ هنيائين، دوائون ڏنائين، دوائون لکيائين ۽ پوءِ ٻاهر نڪتو.

مان سائس گڏجي ٽانگي تائين آيس. ڏهين روپين جو نوٽ ڪٽي هٿ ۾ ڏنو مانس. ڪلي واپس ڪيائين، "واه صاحب، مان اهڙو بد تميز آهيان."

ٽانگو روانو ٿي ويو. ڦيٿا ڦرندا ويا، سنبن جي ٽاپ ٽاپ، ٽانگي جي ڪڙ ڪڙ ۾...... بيل گاڏيءَ جا ڇيڪٽ ملي هڪ ٿي ويا...... "بد تميز...... بد تميز ...... بد تميز......"

ڪودڙيءَ مان سڪل مانين جا ٽڪر سيني ۾ ڪي ملي ويا. ٻئي ٻجڪي مان سڪل ڏڌ جا اڇا ٽڪر ڪڍي پاٽيءَ جي جمن ۾ وڌائون ۽ سيني ۾ تي ڍڪ پريا. ننڍڙي نون سالن جي پيرائيءَ چيو، "سنڌ ۾ شيون ڪوڙ ۽ سئيون سئيون." پٽس توپ لاهي جونئن هاٿو مٿو ڪنهيو. ماڻس خفي ٿي ڏانهس نهاريو. ٻين ٻارن جي اڌو منين منين شين جون خيالي قطارون گهمي ويون.

سنڌ ۾ ٻلال جي جهوپڙن ۾ ويٺا، ٻلال تي سمهيا ۽ ٻلال جا جوتا ڳاهي ڀاتائون. ٻانس جون لٺيون ۽ ڏاسن جا رسا وڪيائون. ڪليون ڪيائون ۽ ڪيٺون ڪڍيائون.

سيارو گذريو ۽ موڙ جا سانباها ٿيا. ٻارڙن ڪي شيون ڪونه مليون.

وچ ڪان اڪير پيرائيءَ جي پيءُ زال جي منهن ۾ ڏنو. سندن اکيان سچ ۽ ٻڪ ڦري ويئي. جوڻس هيسجي پيرائيءَ جي چولڙي ڪي ڏنو، جو اڃان هاڻي ڏوڏي وڌو هئائين. سندس خاموش ٻيوس اکين ۾ انڪار ڪين هو!

پيرائيءَ جو پيءُ ڀر واري ڳوٺ ۾ آيو. "سلاماليڪ" ڪيائين "ادو ڪو "سنگ" ڪهي؟" پيءُ جو مطلب ڏيءَ ڪي وڪڻ جو هو. سنڌ ۾ سنگن جي اڻاٺ. ڪيترن جا پڙ باسيل هئا. "شل ٻادشاهه پير سڀ جي پڄائي." لالوءَ جي پيءُ پٽ ڏي ڏنو، مڇن جي ساول، آواز ڳگهو، ڏاڙهيءَ جا چڊا چڊا ڪنپ ٻه نڪا هئس.

# "شاهہ جو ڦر"

ممڙي اکيون کولي پيءُ کي ڏانهن ڏٺي "ماما... شائين... پيشو." پڻس ممڙيءَ جي مٿي تي هٿ رکيو. سندس وار وار ڪڙو ٿي ويو. هن اصل نہ رنو. سندس بدن مان چڻگون ٿي نڪتيون هن جون ناسون ڦونڊار جي ويون، مڇون پيڙجي ويون ڏند ڏندن سان ملي ويا، اکيون هڪ هنڌ کپي ويون، وٽون ننڍيون ٿينديون، ويون ننڍيون ٿينديون، جڻ تہ ڪات هئا، ۽ چپائين تہ "شاهہ جو ڦر."

**مريم** ڏاڍي وڻندڙ هئي. سڀ کي چوندي هئي "ماما." پنجن ڇهن سالن جي ٻارڙي هئي. وار ڪڪا، گلابي رنگ، ۽ ننڍڙيون ٻانهون اهڙيون گول، ۽ وڻندڙ جو چا ڳالهہ ڪجي. پير اکهاڙا، مٿو اکهاڙو، سنهڙي پوتي ڳچيءَ ۾ وجهيون پيئي ڊوڙندي، ڪاڻندي ۽ ڪڙڪندي هئي، جهڙو ڦونو. ڪنهن کان نہ ڊڄندي هئي. ڊوڙندي ڊوڙندي ڪنهن کي پٺيءَ ۾ مڪ هڻي ويندي — وٺي ٺهڪڙا ڏيندي. سڄي ٻاڙي لاءِ وندر هئي. سڀ ڪيس چيڙائيندا هئا، چوندس "ممڙي،" هوءَ وري وات ڇبو ڪري، اکيون ٽرڏائي، چيلهہ تي هٿ رکي، چوندي، "ممڙا". دوڪان ڄڻ ڳوٺ جي اوطاق هو. جيڪو ڪم کان واندو ٿيو، سو اچي دوڪان تي وهندو هو. ڪو صندل تي، ڪو کٽ تي، ڪو پير جي هيٺان پٽ تي. ڪنهن کي ڇبي لوهي ڪرسي هٿ ايندي، تہ ڪو سر هيٺان ڪري

ننڍڙن نهن سان وار پٽي ڪڍنديس. ڪو ڏڙڪو ڏيندس ته ويچارا ڪڍندي، خالي هٿن سان الڙون ڪندي، پڇاڙيءَ روئي به وهندي. جنهن وقت چپ ٻاهر ڪڍي، هٿ اک تي رکي مڏڪا ڀريندي هئي ته ڳوڙهن جي رکي، نوٽ زندگيءَ جي سوري محبت گڏ ٿي اچلون ڏيندي هئي. ممڙيءَ کي بي اختيار جهلي، هوا ۾ جهپي ڪٽي هيٺ رکندس. ممڙي شرمائجي، مشڪندي ۽ چرچائيندڙ ڪي هوريان ٿڦ هڻي ڪڍندي اهو سندس فتح جو اظهار هو.

پيءُ لاءِ ته بي بها خزانو هئي. ماٺ ڪيو وينو مشڪندو ۽ خوش ٿيندو هو. ٻين جي چوڻ تي ٻيءَ کي به چيڙائيندي هئي. ڪيس ڏڪ هڻندي، نڪ پٽيندي، ۽ ويچارا ڪڍندي هئي. جي ٻڌس ڪاوڙجي شوڪي نهاريندس، ته ڊوڙي وڃي ڪنڌ ۾ ڪيس چنبڙندي هئي. سندس هار مڃڻ جي اها خاص نيشاني هئي. پيءُ کي به چوندي، ”ماما.“

پيرل شاھ ڪو شهر جو چڱو مڙس ڪونه هو، پر سڀ ڪيس سائين پيرل شاهه چوندا هئا، سيد جي سڏائيندو هو! ڳوٺ جي پرئي مڙس کي ته ڪو ليکندو ئي ڪونه هو. هو غريب پنهنجي مٽي کنهڻ ۾ پورو هو.

پيرل شاهه کي چڱ سرڪار ڊوجهان وٽان سرٽيفڪيٽ مليل هو، ته ڏون افضل ۽ اعليٰ آهين. بوڪڙو ملا به سندس هٿ چمندي ڏاڙهي پيا ڏڪائيندا هئا. عام رواجي ماڻهو ته سندس موچڙي ستيا هئا. سيني جو

ڪنهن ٻئي جانور سان هو. شاهه بگهڙ واري رومڙ
ڪيو سڌو هليو آيو. ”امتڻ ٿي اهلبيت ڪي مامو ڪي؟“
هڪ ئي لت سان ممڙي ليٽڙيون پائيندي وئي. ڪانئس
هڪ دانهن نڪتي. ”شائين“ شاهه سچو ڪاوڙ ۾ ٻي
ڏڪيءَ. چٽن چٽن تي جهليس. چي: ”اهلبيت ڪي مامو“
”اهلبيت ڪي مامو“ جنين تي شاهه ان تي غور ڪيو،
تيئن تي کيس اها ڳار وڏي نظر آئي.

ٻيءَ پنهنجي ڏيءَ جي متان وينو رهيو. ممڙي
اکيون کولي ٻيءَ کي دانهن ڏني. ”ماما...... شائين...
... پيدو“ پٽس ممڙيءَ جي مٿي تي هٿ رکيو. سندس
وار وار ڪڙو ٿي ويو. هن اصل نه رنو. سندس بدن
مان چٽڪون ٿي نڪتيون. هن جون ناسون ڦوٽارجي
ويون، مکون پيڙجي ويون، ڏند ڏندن سان ملي ويا،
اکيون هڪ هنڌ کپي ويون. ويون نڌيون ٿينديون.
ويون نڌيون ٿينديون، چڻ ته ڪات هنا ۽ چيائين
ته ”شاهه جو قر“.

# ”بد معاش“

اهائي اک چنجهي،
واچ لڙيل ڀرون هيٺ
مٿي ۔ ڇڪ ڪري
ڪٽي ڏک اڇليندو۔
هک لڳا ڏينهن ڏٺي
جي ڏاڙو هنيائين،
سڄي گهر کي کٽي
مٺ ۾ ڪيائين ۔
جو جتي، سو تتي؛
هيسيل ۽ چپ ۔ هي
ڳاٽ اوچو ڪيو،
ڀرون تاڻيو، پي آيو
۽ ويو۔ اڳ ۾
هلندي پير هيٺان
ڪو رانديڪو اڇي
ويس۔ اڍائي سالن
جي ٻارماڻ جي ڪچ
تان دانهن ڪئي۔
”ڪنور حلامي۔“

**هو** وڏو بدمعاش هو. پهرئين نمبر جو۔ ڪوڙ، دغا، فريب، چوري، ڏاڙو۔ هن جي ڏائي هٿ جا کيل هئا. چپٽين ۾ ڏوهه ڪري ونندو هو۔ حرام جو قياس پيويس. خار ۾ چپ ڪيو، بينو ڏسندو، هک ڀرون هيٺ، اک چنجهيل، ٻيو ڀرون مٿي، ڏند ڏندن سان مليل، ناسون ڦوڪاريو، چيتي وانگر شڪار کي تاڙيو بيٺو هوندو۔ بس بس ڪري ولي حملو ڪندو۔ آئيڊا ٻاهر۔

ڏائڻ جهڙي ڪهاڙي کلهي تي، ڪنيو، شينهن وانگر جهنگ ۾ ڦرندو وتندو هو۔ شل نه ڪير ڪيس للڪاري۔ ماٺ ڪري ڳاٽ اوچو جهلي، ڪيس ڏسندو۔ پيرن کان مٿي تائين ٻه، ٽي دفعا. وني کجکوڙ ڪندو۔ واگهه وانگر چال ڏيئي، اچي شڪار تي ٽٽندو۔ ڪهاڙين جو شپڪو، سيڪنڊ ۾ ويندا

چيلهه سنهي، ڇاتي ويڪري، ڪلها آيا، ڇن کي تاءَ ڏيئي اکيرن

ڪرڙيون ڪيو، پر پر ۾ مست ٿيو وتندو. ڪنهن تي فلڪ نہ آڻيندو. ننڍي ڪان ئي نود هو. پڻس ڪٽي ھڏڪڏ پچي رکندو هوس، حرام جو سڏو ٿئي. ٻرڙات پيا پوندس. لتون، مڪون، چنبا، گهل گهلان. هجيس ماءُ تہ چڙائيس! نيٺ رڙيون ڪرڻ بند ڪيائين. پيو مار کائيندو، ڇڪندو نہ. پاڻيندو تہ پيءُ جي ڏاڙهي پٽي رکي، پر ڏاڍو هوس. اوڙو پاڙو تپائي ڏنائين. پاڻ جيڏن کي سٽيو ڪٽيو هليو ويندو.

ٻارن جا ماءُ پيءُ رڙيون ڪندا ايندا. هٿ ايندن تہ ڪٽي رکندس. پنهنجو ٽورو ئي هئن! نہ تہ بہ پڻس کي دانهن ڏيندا. پڻس پاڻ مان ئي ڪڪ! سڀ سور ساڙهن مان ئي ڪڍندو هو. ڏوهہ پين جا مار هن تي، ”ڪو انهين تہ ڪونہ آيو هو.“ اهڙو ساڙ ٽيندو هوس، اهڙو ساڙ ٽيندو هوس،...... ڏاڍو ساڙ ٽيندو هوس.

چوندو هو، ”بيهہ وڏو ٿيان!“

ڪيئن نہ واٽئي جي چلڪٽي ڪپڙي کي هٿ لاتو هٿائين! واٽئي چماٽ وهائي ڪڍيس. پڻس بہ ڪٽي چنبو هنيس. پيءُ تي ڏاڍي ڪاوڙ آيس.

”پيٽسان سوئر!“ لنڊو هو، سور پي ويو.

چورو چنو، ميرو چولو، ڦاٽل پٽڪو. ان لپ ڪانہ جو شيءِ وٺي. پيا ٻار جهول پريو، چوس چوس ڪيو، گگهڙا ولپو، پيا پورائيندا هئا. هيءُ اڪيلو مٽي تي ٻانهن رکيو، اڪيون ڦاڙيو، بيٺو ڏسندو. نڪر جو جنڊ

۾ اچي ويا. ٿن جهڪي ٻيگل رانديڪو ڪنيو. ٽڪر ميڙي اڳتي وڌيو. وچي مائيءَ جي هٿن ۾ ڏنائين.

انهيءَ ئي ڌاڙي ۾ هو جهليو. سندس ڪي ساٿي ماريا، ڪي مٿس ٻاڪو ٿيا. مائيءَ شاهدي ڏني، ٻيگل رانديڪو پيش ٿيو. ڪيس جنم ٽيپ آئي. هو ماٺ هو. صاف ماٺ. سندس ٻروون سڌ ۾ هيا. اکيون هڪ ڪريون هيس. چپ ته ٻري پري پي ڏنائين. مائيءَ کي، ٻارڙي کي، سندس پاڪر کي ...... ۽ پاري ۾ پيل گڏڙي کي سندس ڪنن ۾ آواز اچي رهيا هيا – "ڪنو ..........حلامي........."

ڪيس سنٽر جيل تي موڪليو ويو. لُولو جمعدار جيلر بنجي چڪو هو، هن ڪيس چوڪنبو ٻڌايو. ڪيس اگهاڙو ڪرايو ۽ ڪيس ڏنڊي لنگهائي. هن کي اونڌو ڪري سنٽر جي وڻ ۾ لڙڪايو ويو. سندس ڏنڊي ڪڍي ويئي. رت وهي هليو، چيائون ته سوري هيس. لولي جيلر ڪيس ٽڏو هنيو، چيائين ته "بدمعاش!"

# "منهن ڪارو"

دين محمد پنهنجو منهن ڪارو الهڏني کي بچائڻ لاءِ ڪرايو هو. انسان پنهنجي عزت، ڦل کي سانڍڻ لاءِ لٽائي هئي. ديني ٻاڻ کي رتو رت زنجير ـ حيات جي ڪڙين کي ڳنڍڻ لاءِ ڪرايو هو.هن، پادرن جي ڪنڊي، انسان جي ازلي فرض قانون ـ پيدائش، کي قائم ۽ دائم رکڻ لاءِ ڀاتي هئي. هن ڦٽ لعنت ۽ ٽڪون ساءَ جيءَ هنج کي ڀريل ۽ ڀرپور رکڻ لاءِ سٺيون هيون.

**دين** محمد جو منهن ڪارو ٿيل هو. اڌ مٿو ڪوڙيل، مڇون ڇنيل، ڏاڙهي مروٽيل، ڇڳون وڍيل، هيسيل اکيون ٻاهر ڦوٽاريل، منهن سڄيل، ڪپڙا ڇيهاڙيون. لڳن ٿي مار جا ڌڪ. پٺي ڏڙڳ ڏڙڳ. ڏنن تي رت جا ڦڙا، چمڙي رهڙيل ۽ ڇليل. بس سڄو ڪنييل هو. سنهو، هڙپائيون ڪٽل ڳيري وانگر، چهرو ڀيانڪ، اکيون ٻاهر، ڳل اندر، وات ڦاٽل، هرهر سڪل زبان سان چپ ڀني آلا ڪيائين.

سندس ٻت اندران ۽ ٻاهران هڪ جهڙو ڇيهاڙيون ٿيل هو. ڳچيءَ ۾ اڃان به پادرن جي ڪنڊي پيل هئي. ڪنهن پٽڪندڙ روح وانگر اچي سامهون بيٺو. جهڙو ڀوت. لڳن مان تڙڪات نڪري ويا. هيبت وٺي ويم.

تپ ڏيئي اٿي بيٺس. سپاٽو هٿ نه اچيم، رڙ نڪري ويم. "اڙي دينو، ٿون!" چڻ ته پڪ ٿي

چوٽيءَ تائين، چٽيل، ابيل، ۽ پيليل هو. هن ڪان رڪي رڪي ڇرڪ ٿي نڪتا. هن ڪوڪون ٿي ڪيون. جيئن ته ڪا ڪنييل سرڻ، اجڙيل ڇانگن تان زيلون ڪندي هجي.

بدن مان سيسرات نڪري ٿي ويا. لڳن جا اڪيچار وار، هزارن سوالن جون نشانيون بڻجي، اڀا ٿي بيٺا. ڇو؟ ڪنهن؟ ڪيئن؟

دينوءَ سڏڪا ڀريا. چي: ”سائين ڊمب ماڻهن جا هٿا.“ منهنجي نظرن جي سامهون ماڻهن جا ميڙ ڦري ويا. شهري ماڻهو، پڙهيل ماڻهو، امت-رسول. هنبون ڇنبون هڻندا، شور مچائيندا، ڊولڪيون وڄائيندا، چونڪن ۽ گهٽين مان ڦرندا، پوليس سرپرستيءَ ۾، گڏهه تي چڙهيل دينوءَ تان ڪلون ڪندا، هوڪرا ڏيندا، پٽريون چٽيندا، ٽڪون هڻندا، لعنتون ڪندا ٿي آيا. دينوءَ تي، دين محمد تي، ماڻهوءَ تي ماڻهوءَ جي ٻچڙي تي، انسان تي، آدم جي اولاد تي! گڏهه پيچ مٿي ڪري هينگ ڏني. ڏند شيڪي، ڳاٽ اوچو ڪري، مٿي نهاريائين. ڄڻ ته آسمان جا ويچارا ڪڍيائين......دينوءَ جو ڪنڌ هيٺ، رتو رت لاش بڻيو ٿي ويو. انسانيت جو لاش گڏهه جي ڪلهن تي گڏهه پستيون ٿي هنيون ماڻهن ٺهڪ ٿي ڏنا.

منهنجا ڏند ڀڪوڙجي ويا منهنجون مٺيون ڀڪوڙجي ويون. وچي دينوءَ جي پرسان بيٺس. پانيم ته ڪٽي پاڪر پاياس. اکر نه اڪليم. چيوماڻس، ”دينو تون

شهر وئين ڇو؟"
"سائين، مجاور ڪڍي ويا."
"مجاور".
"سائين مون منڊل پير جو پڙ لاٿو."
مونکان دانهن نڪري ويئي، "دينو!"

دينو سچو سائو ٿي ويو. منهنجي منهن کي ڏٺائين. وٺي پڇيو. مون سٽ ڏيئي کيس جهلي ورتو. دينوءَ کان دانهن نڪري ويئي. "الاڙي." ٻانهن ڪڍي منهن کي ڏنائين. ڇڻ ته مان کيس چماٽ هڻي رهيو هوس.

"سائين، پڙ ريشمي هو، او، جيڪو اترادي وڏيري وڌو هو." دينو سڄو ٿڙڪڻ لڳو. ڇڻ ته ريشمي پڙ کي ياد ڪري، وري چوريءَ تي سنڀريو هو.

مونکي ياد آيو، اهان ٽيون ڏينهن، پير تي اهو پڙ وڌو ويو هو. مسين مسين وڏيري جي مراد پني هئي. ورهين ڪانپوءِ پير سائين ماڙ ڪري پنجن ڏيئن مٽان کيس پٽ ڄنو هو. پير ڏنو، ملڪيت جو وارث. وڏيرو، وڏي ٺاٺ ۽ اڊمبر سان، ريل جو گاڏو ڀرائي، ٻارين ٻچين اچي نڪتو هو، منڊل لڳي ويا. دهلن جو زيپٽ، شرنائن جي دم، ڌمالون ۽ ڪڳيون، سهرا ۽ راڳ. وڏيرو وڏي جوڄ ۽ هيڄ مان ٻي هليو. دل کولي خرچ ڪيائين. ٻڪريون ٽي ڪنيون، ڪجريون ٽي نچيون. گهور به گهور هئي. وڏيري جي ڳتن ۽ ڏاڙهيءَ تان، ڪجري، ڏهين ڏهين جا نوٽ، پٽيون ڪنيون ٿي ويئي. ڀنگ جي گهرڙ گهوٽ، چرس جا سوٽا. موالين جا ٽونڪا، فقيرن جو دمچر

لٽ لڳي پيئي هئي. زائفن جا سهرا، يارن جا مڇن تي هٿ، قبي ۾ اونداهه ۽ ڳاهٽ، ڪس ڪسان لڳي پيئي هئي. ڏيکيون پئي لٽيون ۽ چڙهيون. ڪتن به اٽيون ڪيون. پر ته نه هو! جرڪا پي ڪيائين. ريشمي، مخملي، زريدار. ڏينوءَ هاٿي لڇڻ لڳو. وٺي ليلڙاٽ ڪيائين، چي: "سائين مونکي ڇڏ. منهنجو ٻچڙو الائي ڪيئن ٿيو."

"اڙي ڪير، گلاب؟ ڇا ٿيو اٿس." مونکي ڏينوءَ جو ڏن سالن جو گلاب جهڙو معصومڙو ياد پيو. الهه ڏنو، اسين ڪيس گلاب ڪري سڏيندا هئاسين. ڪپهه جو ٽوپ مٿي ۾ وجهون، چولڙو پايون، ڪاٺي کي گهوڙو ڪيو، ڊوڙندو وتندو هو. منهنجي اوچتي همدرديءَ تي ڏينوءَ جو ڦٽڪڻ بند ٿي ويو. هيڏو سارو مڙس، چپ ڪٽي ڪڍيائين. اکيون به عجب آهن. سوريءَ تي سڪيو وڃن، همدرديءَ سان ڇلڪيو پون.

ويچاري انسان جو ٻاهريون ڏکو، همدرديءَ جي هٿڙن سان پرڻ ٿيو پوي. پوءِ ته ٿورائتو ٿي دلڙي ڪٽيو ٻاهر ڪڍي.

ڏينوءَ سان ٻـہ ساڳي ڪار ٿي. ٿمندي ٿمندي چيائين، تہ "سائين ڪالهاڪون پڙهه، بٽ پيو آهي. ڇون تا تہ خناق اٿس. سرڪاري ڊاڪٽر سيون ٿو گهري. ٻه ويهون لڳنديون."

ڳالهه ٻڌي منهنجا ڪٻات ڪلي ويا. ڏينوءَ پنهنجي ڏاڙهي گلاب جي خوشبو لاءِ ٻٽائي هئي. دين محمد

ٻاهر سوالين جا ٿهڪڙا پئي پيا. پير ڏني جي چم ٽي. الله ڏني جي موت ٽي. سلفين جا ڏڳاڙا ٽي لڳا پير سائين مٿل جا دنبها ٽي هنيائون. دين محمد جا نالا وٺي لعنتون ٽي موڪليائون.

ڏنيون ويون. ملٽريءَ جا مکڙ اچي لٿا. ملڪيتون ۽ لڄون لٽيون ويون.

خيري جي ننڍڙيءَ ڀيڻ کان پڇيو ويو، ”ڀاٽي ڪٿي؟“ مضبوط جواب آيو، ”ادو مري ويو.“ ڪيس زوم مان چماٽ لڳي، ۽ وڃي ٺهڪو ڪيائين. ماڻس کي ماريو ويو. پوڙهيءَ نٽي ڏسيو ته، سندس پٽ ڪٿي هو. سندس اکهاڙي-جسم مان گوليءَ کي پار ڪيو ويو.

لوڙها ڀرجي ويا. زائفون ۽ ٻار-ملٽري جوان، هندو سک، مٿن پهريدار هئا. اڻ پڙٽيلون مائرون بڻجي ويون. اخلاق جون ڪمزور جو ٿيون!!

پير سائينءَ جي ڦاسيءَ جو احوال آيو.

”ائين ڪو ٿيٽو هو؟“ ڪنهنکي اعتبار نه آيو.

چي: ”اهي سڀ انگريزن جون چال بازيون آهن.“

فقير کي مات ڪرڻ وارا هئا؟

خليفن کين ٻڌايو هو ته پير سائين سندن جنازه نماز به پڙهي ويو هو! ”انگريزن جو تڏو پٽيندا سون.“

”جاسوسن جا سر لٽيندا سون.“

ڪيئي گرفتار ٿيا، ڪيئي ماريا ويا.

ملڪ ۾ هيبت ڇانئجي ويئي. حيدرآباد مان ملٽري حر وٺيون ٿي ويئي.

”اڙي هي ته ماڻهو آهن!“ هڪ هراس مان چيو.

ڪيترائي شينهن مڙس مارجي ويا. سردارن مان هڪ خيرو نه جهليو. تحريڪ ڪچلجي ويئي، ۽ هاڻ هو رهزن ٿي پيا. شل ڌ ڪنهن جي ڀوڳيان پرن.

بڻ ٻي ناس ڪري ڇڏيندس. نياپا هلندا هئا، ”فلاڻيءَ رات تنهنجا مهمان آهيون.“ بس پار به نه ڇڏيندس.
سال لنگهي ويا. خيري ملڪ ۾ ڌهڪاءَ وجهي ڇڏيو. ڪيس ۾ ڪلاڪ ڪري ڇڏيائين. وڏيرا وڙا گهر ويٺي ڏڪندا هئا. پوليس جو نڪ ۾ دم اچي ويو. خونن پٺيان خون — ڌاڙي پٺيان ڌاڙا! اڪيلي سر پوليس جي دستن سان مقابلا ڪندي نڪري ويندو هو. ظاهر ظهور نعرو هڻي ڳوٺڙي ۾ ڪاهي پوندو هو، ۽ پوليس هٿين ڪيس جاءِ ڏيندي هئي. ڇو ته گولي ڪيس اثر ئي ڪونه ڪندي هئي.
.......... ۽ آزادي آئي. انگريزن بسترا گول ڪيا. پاڪستان ٿيو، ۽ اسلامي راڄ آيو. عجيب تبديلي هئي. سيني ٻڌو ٿي، ۽ مڃيو ٿي، سمجهه گم هئي.
پنهنجي حڪومت جو آواز دل ۽ دماغ ۾ گهر ڪندو ٿي ويو، خيري کي به ٿڌائي اچي ويئي خون ڌاڙا بند ڪيائين. خونين کي چنڊ ڪيڻ لڳي. پر مجال جو خيري جو رعب گهٽجي. اڃان سندس حڪم هلندو هو. ڏهن هزارن جي چٽي ويندي، ته پورا ڏهه ڪيس گهر ويٺي ملندا.
شادي ڪيائين، هڪ ڳوٺاڻيءَ حسينه سان. راڄن کي سڏ ڏنائين. سڀئي تر جي ماڻهن سڏ پڙيو، باقاعده ڪاڄ ٿيا. پوليس کي خبر هئي، پر ڪير ٻگهارن تي سر ڏيندو! شادي خير سان گذري.
هن دلير مڙس ۾ وڏي تبديلي آئي..........

فرسٽ ڪلاس گاڏو "رزرو" ٿيو. هڪ بارعب شخص ڪراچيءَ ڏانهن سفر ڪندو نظر آيو. ڪير چوندو ته هو مشهور ڌاڙيل خيرو خاصخيلي هو. وڏن وڪيلن سان سندس ملاقات ٿي. "ڇا پيش پوڻ سببان سندس ڏوهه معاف ٿي سگهيا ٿي؟"

"خوني ۽ معافي؟" پهڙهن قانوندانن پنهنجي ٽڪل منهن ۾ گهنج آڻي چيو.

"قانون ۾ اهڙي ڪابه گنجائش ڪانهي."

قاعدو ڦري نٿو سگهي. خدا توبه قبول ڪري سگهي ٿو، سرڪار نه!

اڄ خيري تي گهيرو هو. بندوقون، برين مشين گنون ۽ سٽين گنون ـ چاليهه ملٽريءَ جا جوان، هوائي فير ڪري خيري کي اطلاع ڏنو ويو. چڻ ته ستل شينهن جاڳيو. گولين جا مينهن وسي ويا. خيري جسينهه جي منهن تي محبت جي آخرين مهر هڻيندين...... گوليءَ جو جواب گوليءَ سان ۽ بم جو جواب بم سان. حسينهه مشڪندي، کيس گوليون ڏيندي رهي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ مقابلو هليو. ....... ۽ هڪ آخرين بم خيري جي بدن سان ٽڪر کاڌو...... حسينهه گهيپر تي ويٺي ۽ ڇهن مهنن جي وليعهد زور سان زمين تي چڙهيون هنيون.

هڪ پوليس آفيسر خيري جو احوال ٻڌايو. پٽ کان ڏيڍ فوٽ مٿي، ويڪري ڇاتي، سيني تي گولين جا ٻه پٽا، رائفل ڪلهي ۾، بغل ۾ پستول، قد پورو

پنو، بدن مضبوط، سنهڙيون وڏيل ميڇون ۽ گهنڊيءَ تي ڏاڙهي، رنگ جو ڳاڙهو، نهايت شاندار همت جو مجسمو مردانگيءَ منجهانئس اڇلون ٿي ڏنيون. هزارن سندس منهن ڏٺو، اخبارن ۾ سڀ احوال آيو- ”ملڪ لري پيو.“

پوليس ڪلي ڪلي هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏنيون. مونکي الائي ڇو افسوس ٿيو.

# "ڪارو پاڻي"

سندس اکين مان
پاڻي ٿي ويو...
ڏسندڙن جي اکين
مان پاڻي ٿي ويو...
ٻڌندڙن جي اکين
مان پاڻي ٿي ويو.
پاڻي ڪُنو ته رت
وهڻ لڳو. نارا هئا،
نيسارا هئا ــ نديون
ٿي ويا. آڏون ۽
ڍڪيون ٽپي ويا.
بند ۽ ڪوٽ ڊاهي،
ٻوڙي وڌائون.
گنبذن ۽ منارن جا
بنياد نڪري ويا.
هيناهيئڙن، مٿاهيئڙن
هڪ ٿي وئيون.
زمين ڌري ڳگ ٿي
پيئي. هيءَ ٽين ٻوڏ
هئي... ڳاڙهو پاڻي!

**مان** ننڍو هوندو هوس. امان ڳالهه ڪندي هئي، ته اڳي ڪارو پاڻي ايندو هو. ڪشمور کان ڪڙڪاٽ ڪندو ايندو هو. ماڻهو جانور، نانگ، اڳيان ڀڄندا ايندا هئا. ڳوٺن جا ڳوٺ ناس ڪندو، اوڏڪا گهر ڊاهيندو، زمينون ٻوڙيندو، ڪاهيندو ايندو هو. مرون، بگهڙ، نانگ، ڪتا ماڻهن سان گڏ دڙن تي اچي ڳاهٽ ٿيندا هئا. بک کان ماڻهو ڪپڙن جا پن کائيندا هئا. پيٽ اپامي ايندو هئن، وات مان اڇي گجي وهندي هين، ۽ مري ويندا هئا. شهرن جا ڊاڪٽر وري ڪين چيريندا هئا. مان ڊپ کان اکيئن ڪٽي بند ڪندو هوس. ڪشمور کي هڪ ڀوائتو غار سمجهندو هوس، جنهن مان هڪ وڏي ڪاري بلا، ڏند ڪڙڪائيندي چينگهاٽ ڪندي، ڦوڪون ڏيندي نڪرندي هئي، ۽ ماڻهو جيتامڙن وانگر ٽڙندا ٽابڙندا لڪندا وتندا هئا. مان

نارا هئا، نيسارا هئا_ ندين تي ويا. آڏون ۽ ڏيکيون ٽپي ويا. بند ۽ ڪوٽ ڊاهي، ٻوڙي وڌائون. گنبذن ۽ منارن جا بنياد نڪري ويا. هيٺاهيون، مٿاهيون هڪ ٿي ويئيون. زمين ٿري ڳڱ ٿي پئي. هيءَ ٿين ٻوڏ هئي،.....ڳاڙهو پاڻي!

# "مهرباني"

هڪ ڏينهن شام جو اسين
چار يار ٽاڪ ڦاڪ ڪري، ٺهي
ٺڪي، ڪاليج مان ٽيندا، ايلفيءَ
۾ گهمڻ ويـاسون. ڪارا چشما
ڪاريون پتلونون. اڇا بوٽ ۽
شينهن گهوڙن واريون قميصون،
وارن جا موڙ مٿي تي لڏندا پئي
آيا. ڪنهن کي به مٽ ثاني ڪونه
ٿي سمجهيوسين. ڊاڙو ٺڪاءُ هڻندا،
آئي وئي تي ٺوڪ ڪندا، ٺهه ٺهه
ڪندا ٿي وياسون. زمين تـي پير
ئي نـه ٿي ٽڪيو. ڌرتيءَ کي
ڌوڏيندي، آسمان تائين پهچندي
اچي ايلفيءَ ۾ ٺڪاءُ ڪيوسين.
گهٽيئي اسان جهڙا شريف زادا،
اتي ڊيل وانگر پئي ٿلڪيا. تانءَ
۽ ڦونڊ ۾، هڪ ٻئي جي ڪپڙن
۽ وارن تي رشڪ ڪائيندا، هڪ
دوڪان کان ٻئي هنڌ، اچي ڪارنر
تي بيٺاسون. اچي ڳالهين ۾ چٽڪياسون.
ٽائين، ڪوٽن، جئڪيٽن ۽ ڪٽنگ
جي ذڪرن کي ولوڙي، اچي موٽرن
تي پياسـ ن. قيصر، فريزر، ڪيڊلڪ،

"تنهنجو مڙس ڪٿي
آهي؟"
"منهنجي شادي ڪانه
ٿي آهي. بابو صاحب،
پيسو." اسان جي
اکين ۾ شرارت پڙجي
آئي. سڀ مشڪڻ
لڳاسين. "پوءِ توهي
پٽ ڪٿان آندو؟"
هـن ڪنڌ لاڙي
نمائين اکين سان
اسان ڏي نهاريو.
"اها، اوهان صاحبن
جي مهرباني آهي،
"بابو صاحب."

آيو. سندس بار مونکي اصل نہ وڻيو. کنو گدلو. ڏيي جهڙي شڪل، چپ ڏولا، اکيون چنجهيون، نڪ بينو، سنگهہ پئي وهيس. ڪيچڙ ۾ پيدا ٿيل ڪيئون! مونکي ڏاڍي بڇان آئي. موکي، چسو، گڏهہ جو اولاد ضرور ٻيءَ ٿي ويو هوندو. بلڪ ي سوائين. مون نظرون ماڻس تي وڌيون.

اسان جي فارورڊ دوست کانئس سوال ڪيو.

”تون ڀنين ڇو ٿي؟“

”ڇا ڪجي صاحب؟“ هن سڌو سولو جواب ڏنو.

”تنهن جو مڙس ڪٿي آهي؟“

”منهنجي شادي ڪانہ ٿي آهي. بابو صاحب، پيسو!“

اسان جي اکين ۾ شرارت پرجي آئي. سڀ مشڪڻ لڳاسين. ”پوءِ تو هي ٻڇ ڪٿان آندو؟“

هن ڪنڌ لاڙي، نماڻين اکين سان اسان ڏي نهاريو. ”اها، اوهان صاحبن جي مهرباني آهي، بابو صاحب!“

اسان کي ڄڻ تہ ڪنهن ٿڦڙ هڻي ڪڍي، ڪپڙا لاهي وڌا، ننگو ڪري ڇڏيو. مٽي ۾ ڦيريون اچڻ لڳيون تہ اسين بہ بودار گند ۾ سرڪندڙ ڪينئا هواسون، سرهاڻ مان بيخبر، انڌا، ٻوڙا، جهل جا ابا!

---

# "خميسي جو ڪوٽ"

**مان** تن ڏينهن نماز پڙهندو هوس. ته سيارو هوندو هو هنڌ ۾ ويٺي ئي سيئٽر پائيندو هوس. سٿان مفلر، ڪوٽ ۽ اوورڪوٽ. لڪر جي ڪونٽري کي اڌ تائين ڪلر لڳو پيو هوندو هو. پاڻي اهڙو جو اصل پارو، ٿڌيءَ هوا جا سوسٽ بدن کي چڪ ته چيريندا ٿي ويا. ڪپڙو ٿي، ڏڪندو ٺڙڪندو، مسجد ڏي ويندو هوس. هيٺرين ٽڪليئن ڪانپوءِ خدا کي البت پنهنجو ڪري سمجهندو هوس. پائيندو هوس ته بي نمازي ڪهڙا نه بيڪار آهن. در ڪولي ٻاهر نڪرندو هوس. ٿڌ جو طوفان منهنجو فخر زوريءَ مون کان کسي ويندو هو. زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ٿڌ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندو هو.

نديڙو يارهن سالن جو خميسو اڳيئي مال ونيو، موڙن ۾ ٻيٺو هوندو هو. ڪيس قميص ڪانه هئي، ٻر هڪ ٽڪڙين نڪتل گرم ڪوٽ

هو مون کي چيڙائيندو هو، مان ٽڪڙو وڌي ويندو هئس، ۽ هو پٺيان ڇوندو رهندو هو، "ملان - ملان - او ملان." مان اوورڪوٽ جي ڪالرن کي تاهيندو الله ڏي ويندو هئس، ۽ هو ڍورن ڏي. مان وري شڪر ادائي ڪندو هئس، ۽ پنهنجي صحت ۽ خوشحاليءَ جي دعا گهرندو هئس. هو فصل جي سنڀال ڪندو هو ۽ پيل ڪرائيندو هو، ته سڙي نه وڃي.

خرچي بہ ونندو هو چوڪر گهڙين جو مهمان هو.
مون پنهنجو ڪوٽ لاهي مٿانئس وڌو. ڪيڏي نہ همدردي!

خميسي کي ملان وهنجاريو ميرو ڪوٽ لاهي نئون ڪپڙو ويڙهيو. مون عطر بہ آندو. سندس ننڍڙا ڏند اڃان بہ ٿڌ جي شڪايت ڪري رهيا هئا. ڪيس سڌو سنئون کٽ تي سمهاريو ويو. سيني قطار ٻڌي ۽ ملان الله اڪبر چيو.

مون وارو ڪوٽ ملان ڪنيو.

ٻئي ڏينهن خميسي جو ننڍو ڀاءُ مهر ڏاند وٺيو بيٺو هو. ڪيس اهوئي خميسي وارو ڪوٽ پيل هو.

# ”لاري“

منيءَ مان ۽ ٻونن
مان، سرهاڻ تي آئي
انهن قديم سنڌين
جي، جي هزار سالن
کان مهراڻ جي
ماٿريءَ ۾ لوڙائو
ڳائيندا، نڙو وڄائيندا
ڍمال هڻندا ”هو
جمالـــو،“ نچندا،
ڳاڙهي ڳئون پاليندا
تي آيا. صدين کان
هنن ٻي اپايو ۽ نپايو.
کين سڀ ڪر ياد هئا.
جهارجهرڪي، سوئر
سهي، ڦورو لئيري
کي ڄاڻندا سڃاڻندا
هئا.

**شل** ڏ. ڪنهن کي لاريءَ جو
سفر پلئه پيو. هڪ گرمي پيو
گهٽ! مٿان وري ماڻهن جي ٻيهه
ٻيهان! دانهون پئي پيون. ”او
لاريءَ وارا! يار هل ساه تو نڪري“
ماڻهوءَ مٿان ماڻهو ڀڳهر پئي وهيو.
لاريءَ جي ڇت تي به ماڻهو هئا.
صوبيدار صاحب اجان ڪونه آيو
هو. خدا خدا ڪري هو صاحب
تشريف فرما ٿيو ۽ ماڻهن جي پيٽ
۾ ساهه پيو. لاري هلي. ڪجهه
هوا لڳي، لوڏن تي ڪجهه خلاصائي
به ٿي. باقي منيءَ جا به ڪڪر
هئا. ناسون ئي ٻرجي ويون.

اڳئين خاني ۾ وهڻ به ڏاڍو
شرف وارو آهي. ٻويان خانا گهٽ
درجي وارن لاء آهن. سيڪو پيو
چاهي ته مان اڳي هجان. پوءِ ڪٿي
پيٽرول جي دٻي تي ويهجي، جي
ڪنهن واقفڪار کي اڳيان جاءِ
ملي ويئي ته ٻنيان ويٺل جو ڪنڌ
شرم کان هيٺ ٿيو وڃي. ڪو ته
ڦڪائي کان ڇوندو ته، ”ڇا ڪجي

يار مڙيئي مسافري تہ ڪرڻي آهي تون تہ ٿئين زور."
ائين شرم کي ٻرچايو ڇڏين. غريب تہ پاڻهي وڃيو پنيان ويهن.

آفيسر تہ هڪ ڇوري، ٻيو سينہ زوري، اڳيان جاءِ نہ ملين تہ مشير نامون ٿاهين. ٻاڙو تہ سندن سالا ٻہ ڪونہ ڏين.

لاريون پراڻيون، رستا آلونور. ائين پيون لڏن جيئن ڪجاوا. پاسا پيا پچن. آنڊا وات ۾ اچيو وڃن. چيڪلي واري چين چين ٻہ هلي اچي. هيٺائين ۽ مٿاهين تي ائين پئي لڏي ۽ لمي، جيئن ڏُکي زائفان. اڌ ڏزن معتبر بيگر ۾ ڪنيو هلي، باقي بيمار سيمار، زائفون ۽ ٻار ڇڏيندي هلي. پيٽ پريائي، پاسينگر ٽيٽا، ٻاڙا بيٺا. لارين وارا ڏئجي پيا آهن. ماڻهن کي سهولتون ڏين ڇو. رهائي ٻڪائي وارا آهن. ڪڙي ڪاموري سان رسائي اٿن، باقي ڪاڻ ڪنهنجي ڪڍن؟

اسانجو ٻهريون ٻکهر ويو سڪي. جهولي اچي ورايو، جنسي باهہ ٿي ٻري. ڇڻ تہ ڪوري مان چر ٿي نڪتي. ڪن تي سڙيا. خشڪي اچي ڪنيءَ چمڙي تي تڙڪي، پاڻيءَ لاءِ ساهہ ٿي نڪتو ڪيٽ نہ آئي. نڙيءَ ۾ ڇڻ تہ ڪڙا ۽ پتر ٿي ڪڙڪيا. جهاڪن ۽ جهوڻن آنڊا اکيڙي وڌا.

خبر تڏهن پئي، جو لاري چيڪ ڪري بيهي رهي. شل نہ ڪنهن سان اهڙي ٿئي، پنچر ٿي چڪو هو. سو بہ سج ۾ هڪ جهولي جو لڳاتار حملو، ٻيو

تہ هنيون ڪاڇي ويون. باھ وٺي ويم. پانيم تہ انھيءَ "صبر" ۽ "رضا" کي ڳنڍ ڪان وٺي وڌي ڪٽي، چورڻ ڪري، ڪڙين هيٺان ڇپياتي ڇڏيان. رڳن ۾ چوچڙيون ٿي دکيون. لٽا لاھي، لنگوٽ ٻڌي، ميٽ ٿڦي ڪوھ تي آيس. نار ڦيٽي وانگر ٿي ڦريو. خالي لوٽيون ڀڏي ڀڏي، پرتور ٿي-ٿي نڪتيون. حرام جو همت هارين، مالھ ۾ ٻڌجي، پاڻ ۾ ڳنڍجي قرب سان اڪٽي وڌيون. ٺمٺار ٿي، طاقت وٺي، مٿي اڀريون. هڪ ٺي نالي ۾ ڪٽي پنهنجون سڀ قوتون وڌائون. اوجل، شفاف پاڻي، اڪٽي وڌي سڄي ڪيڙيءَ تي ڇانئجي ويو. پيندڻ ۽ ڦوڙ ڳري پهت ٿي ويا. لس ۽ لس ٿي وئي. وٺي ڳل ڦل ٽڙيا چوڌاري سگند ۽ سرهاڻ ٿي وئي، سيني لاءِ هڪ جهڙي، هڪ جيتري!

## "پشو پاشا"

قاسي ڪهاٽ سان
سوين ۽ هزارين پشو
اڏامندا نظر آيا.
سندن سر ترڇيءَ تي
هئا. سندن ڪپڙا
رنگجي لعل ٿي ويا
هئا. ويا ڳڙ ٿيندا.
ڪارخانن ۾، فوجن
۾، ڪيمپن ۾ ۽ جبلن
جي ماٿرين ۾، ۽
غارن ۾. سندن
هٿيارن جي جهٽڪار
۽ نازوءَ جا آلاپ،
هوائـــن ۾ واچوڙا
پيدا ڪري رهيا هئا.
تڪا ۽ تيز واچوڙا،
هر ڍڳيءَ اڏاوت کي
اکوڙي ٿي وڌو:
وڏا ۽ اوچا واچوڙا،
جن زمين جي ذرن
کي آسمانن تائين
ٿي پهچايو.

**رياست** جي عدالت عاليہ جون شوخ ۽ ڪرڙيون پٿيون، شهر کان ٻري ٽڪريءَ جي ٻرسان، اڏول ٿيون بيٺيون هيون. عمارت جون ڏگهيون پٿريليون پٿيون، ويڪرا چيٽرا منارا، ۽ وڏا شاهي در، نهرائيندڙ جي ارادن ۽ منصوبن جو پورو پورو نقشو چٽي رهيا هئا. ٽڪريءَ جي اوچائي، عمارت جي بي رخي ۽ وچ واري ٻوٽي جي رڪائي چڻ ته پاڻ ۾ ٻٽ ٿي، چاٽي واٽي هن انصاف جي گهر کـي عام بستيءَ کان چٽي ڌار ڪري رهيون هيون. ويتر ڪارو لوهي ڪڙن وارو غير ملڪي جهنگلو چڻ ته مڪون آلاري دڙڪا ڏيئي رهيو هو.

هن عدالت عاليہ ۾ ملڪ جي قانون جي پيچ-گهڙ ڪري چيبي، چٽي، فتوائون ثابت ڪيون وينديون هيون. هت قانون جي تشريح ٿيندي هئي. قانون کي وٽ-وڪڙ ۽ ور ڏنا ويندا هئا. اهي چيبيل،

چي، ”ڪافر تون آهين. غسل توکي نه ايندو.“ وڏيرڪي پنهنجن پٽن جي ماڙيءَ وانگر ڊهي، وڃي پٽ پيئي.

رئيس ٻاهه ٻاري ڏني. اناج ڪجي ويا. گهر سڙي ويا. کيت اجاڙ ٿي ويا. ماڻهن ۽ ٽينڊڙ مائرون ڏتڏيءَ ڇالوَ مان ڪڍي، لُڪَ ۽ لُوءَ جي حوالي ڪيون ويئون. بس ائين ڏسي ”نظام حيات“ کي آکوڙيندڙ، پنهنجي آکوڙڻ جو سامان پيدا ڪيو ــ انڌا ڌنڌ، ٽڪڙو ٽڪڙو ــ وڏي ٻـي چيڻيءَ سان. پوڙهن پشوءَ کي ٿاهم لاءِ سمجهايو. پشو خفي ٿي، ٻئي هٿ ڪمي ڪوليا. چي، ”اچا ته ٿا چئو ته رئيس چڱو مڙس آهي؟ ڪنهن سان ٿاهه ڪجي! ڇا تي ٿاهه ڪجي!“

پشوءَ حڪومت جو سهارو وٺڻ چاهيو. سوچيائين ته ڪا انڌير ننگري ته ڪانهي! نيٺ به ته ملڪ ۾ قانون آهي. ڪيس اميد جو ڪرڏو نظر آيو. هن شهر وڃڻ جي پڪ ڪئي.

پشو پهريائين سڌو لالي محمد دين وٽ ويو. هو حاجي هو ۽ حافظ هو. ڳوٺ وارن کان پيشگيءَ تي اناج ۽ مکڻ وٺندو هو. پشو کانئس قرض گهريو، پر لالو صفا چڙي ويو. چي، ”اوهين لاهي پائي بي حياءَ ٿي بيٺا آهيو. نه نند وڏائيءَ جو ادب، نه چڱي مڙس جو لحاظ. رڳو ڏنڊي جي زور تي ليڪو لنگهي ويا آهيو. ڪير اوهان چورن ڌاڙيلن کي پئسو ڏيندو!“ پشوءَ جا ٽاڪ لڳي ويا. اندر ئي سڙي ويس: ڏند

تہ سندس لڳايل چٽنگ اجهامي ويندي. پر اها تہ لباڙ هئي، لاف هئي، خود فريبي هئي، چريائي هئي. بس ڪر ڪني ٽيل سماج جي ڏڏلدڙ ٽوٽيءَ کي چار ڏينهن جيئدان مليو. اڄ نہ ڪري سيان ڪري!

پشوءَ کي ڦاسائڻ لاءِ خاص جج ۽ آفيسر مقرر ڪيا ويا. ڪيني جو ناٽڪ هلي پورو ٿيو. ڪارن جڄن وارن پنهنجون تقريرون ڪيون. جج صاحب وڏي ڪرسيءَ ۾ ڪنهڙي جي پٺيان وڏين ڏکيين پٽين جي وچ ۾ ويٺو هو. سندس چوڌاري ڪتابن جون ٿهيون هيون. چوبدار سندس مٿان بيٺو هو. هو اکيون مچڪائيندو رهيو. هن گهوريندڙ ڪتابن ڏانهن ڏٺو، ڪارن جڄن وارن ڏانهن ڏٺو، پوليس ڏانهن ڏٺو، ۽ ڪورٽ جي ڏکڻ وڏن ساک جي درن ڏانهن ڏٺو. هن مجرم وانگر اکيون جهڪايون ۽ فتوا ڏني.

”تون ڏوهي آهين–توکي ڦاسي ڏني ويندي!“

پشو ذرو بہ نہ لڏيو. شينهن جهڙو مڙس اٿي بيهي رهيو. ڏاڍي ٺڌائيءَ ۽ وڏي يقين سان چيائين تہ ”ڏوهي تون آهين، ڦاسي توکي ايندي: مان ڪڏهين نہ مرندس.“

ٻاهران وڏي زور سان نعرو لڳو–”پشو پاشا زنده باد!“ عدالت عاليہ جو لوهي جهنگلو چڻ تہ ٽڙڪو ڪري ٽٽي پيو. سندس وڏو شاهي گنبذ ٽڪاءَ ڏيئي ڦاٽي پيو. ان جي چوٽيءَ مان نڪرندڙ ڪڙا ۽ زنجير ڇڄي مٽيءَ ۾ ملي ويا. انساني جوش جو اڀرندڙ

سمنڊ وڏا ڪَرَ ڪٽي، ٽَڪر هڻندو، عدالت عاليہ جي ڪنڊرن مٿان ورائجي ويو.

ڦاسي گهاٽ مان سوين ۽ هزارين پشو اڏامندا نظر آيا. سندن سر ٽريءَ تي هئا. سندن ڪپڙا رڱجي لعل ٿي ويا هئا. ويا گڏ ٿيندا. ڪارخانن ۾، فوجن ۾، کيتن ۽ جبلن جي ماڙين ۾، ۽ غارن ۾. سندن هٿيارن جي جهڻڪار ۽ نازوءَ جا آلاپ هوائن ۾ واچوڙا پيدا ڪري رهيا هئا. ٽڪا ۽ تيز واچوڙا، جن هر ڍُٽيءَ اڏاوت کي اکوڙي ٿي وڌو: وڏا ۽ آوچا واچوڙا، جن زمين جي ذرن کي آسمانن تائين پهچايو.

# "پاشا"

"متان آيو آهين،
مون کهٽو ئي سٺو
آهي. هاڻي نـــ
ڇڏيندو سانءِ."پاشا
ٻيهي رهيو. رڄ
جهرڙا هـــٿ ڪٽي
ٻنيان ڪيائين.
پاسيريون اکيون
ڪري پـــٽ کي
ڏٺائين. ساهروڪي
ٻيهي رهيو. نرڙ ۾
گهنج وجهي ڪنڌ
لوڏيائين ، ڇڻ تہ
ڪا ڳالهہ سمجهي
ويو! وٽي تهڪ
ڏنائين،چي،"واقعي
تون ڪتي جو ڦر
آهين!"

**روز** صبح سان ڳڳهوءَ جو ٻوائنتو آواز لهرون هڻندو، رانياٽ ڪندو، مزورن جي بستيءَ تي ڇانئجي ويندو هو. ڳوٺ جي ڳـريءَ ۽ تيل هاڻيءَ فضا کي ڇڻ تہ وکوڙي ڪٽي مٽ ۾ ڪندو هو. سڄو ڏينهن هڏ هڻي، مزور ٻہ ڪودڙين ۾ اونڌا ابتا ٿيو، ڪنڌن ۾ ڪريا پيا هوندا هئا. ننڊئي تہ سندن ٿڪل لڳن جي خوراڪ هئي! ڳڳهوءَ جو ٻي وقتو ۽ ٻي هودو حڪم کين اڌ ننڊ مان اٿاريندو هو. اکيون مهٽيندا، ٿيڙ ڪائيندا، ڦيريون پائيندا اٿندا هئا. بس ڇڻ تہ ڪٽا ٻرن مان نڪتا. اوندهہ، ٻوسلو ۽ ٿڏـ ڪرڪندا، ڳاريون ڏيندا، رئي اڏائيندا، ڳهٽيءَ مان ڳڙڪندا ايندا هئا ـ پيا هڪ ٻئي جي مٿان ڍهندا ۽ ٿاٻڙندا هئا. ڪارخاني جون ٻي خوف ڀتيون لاپرواهيءَ سان جبل ٻٽيون ٻيٺيون هونديون هيون. مزور ويندا هئا ڪڏ ٿيندا. ڪپ سندن پيرن هيٺان

پٺي چڪ چڪ ڪندي هئي. ڪوڙ ۽ شور ويندو هو وڌندو. ڦٽ لعنت ۽ گارين جو ڏوڙيو لڳايو بيٺا هوندا هئا. لوهي ڀرزن جي کٽ کٽ ۽ ٻاڦ جو ڦوڙات ويندو هو زور وٺندو. دونهي جا ڪڪر اٿندا وڌندا، ديو وانگر سڄي ڪوٽ تي ڇانئجي ويندا هئا.

ڀاشا به اتيئي رهندو هو. سندس سڄو بدن شوخ گهنڊيدار وارن سان ڀريو پيو هوندو هو. سندس ٿلهن وڏن ڀرن هيٺيان ننڍڙيون اکيون پيئن چمڪنديون هيون. هن جي شڪي نگاهن مان نفرت پئي اڇلون ڏيندي هئي. اکيون اهڙيون تيز جو ڄڻ ته ڪرڏا پيا نڪرندا هئس- ڪاڏي ۽ چپ مٿي ڪري، ٻوٽ بچڙو بڏائي، حقارت سان ٽڪ ڪٽي اڇليندو هو ۽ چوندو، ”ڪتي جو ڦر!“

هو رانوڙ لڳو پيو هو- ٽنگن ڄڻ ته ٿنيا، ٻانهون وڏيون ۽ وار ٿلها. ڪاريگر به واهه جو هو. سڄو ڏينهن پيو وهندو. شوخ ۽ ڪڙڪ. سيني کان ڏاڍو هو. مالڪن کي به ڪتيون ڀڏائيندو هو. ڏٺ هٽندو، ته ڪم کان جواب. پيسي جي وٿس جهٽ ٻاڙائي ٿيو وڃي. پوءِ خـــار ۾ هٿ پيو مهٽيندو ۽ پيو هيٺ مٿي ٿيندو.

ڪنهن کي ڪونه وٺندو هو. سڀ ڪانئس ڇرڪندا هئا، جي ڪٿي ڪو خارباز جوان سامهون ٿيس، ته عمر لاءِ سبق سکي ويندو هو. موڪلن ۾ ته ضرور ڪنهن نه ڪنهن سان وڙهي ويهندو. هٿي هڙ گڏ پڇي رکندس.

ته خير نه هوندئي!" پاشا دنگ ٿي ويو. چپ ڀڪوڙي،
اکيون چنجهيون ڪري، هوريان وک کنيائين. پنس
به هٿوڙو تيار ڪري چيو ته، "مٿان آيو آهين، مون
گهٽوئي سڃو آهي. هاڻي نه ڇڏيندوسانءِ." پاشا بيهي
رهيو. رڃ جهڙا هٿ ڪٽي پنيان ڪيائين. پاسيرو ٿي
اکيون ڪري پٽ کي ڏٺائين. ساهه روڪي بيهي رهيو.
نرڙ ۾ گهنج وجهي ڪنڌ لوڏيائين، ڄڻ ته ڪا ڳالهه
سمجهي ويو! وٺي ٺهڪ ڏنائين، چي، "واقعي تون
ڪتي جو ڦر آهين!"

انهيءَ ڏينهن زال کي چيائين ته، "مون کان هاڻي
ڀائي به نه گهرجانءِ. پنهنجي توکي پاڻهي ڀاليندو."
جوڻس ويچاري چئي ويٺي ته، "باقي تون سو سيئي
پئسا نشي ۾ وڃائيندين."

"ڪتي جي ڏيءَ، مان ڪٺي يار کي ڏيان، تنهن
۾ تنهنجو ڇا؟"

پاشا ڪاب يار ڪانه رکي، پر پٽ جو ڪڏهين
به اونو ڪونه ڪيائين: مرڻ گهڙيءَ تائين نه ڪانئس
ڪجهه پڇيائين، نه ساڻس ڳالهايائين.

ڪيس هڪڙوئي دوست هو. سندس وڏو ڪتو!
پاشا جهڙوئي بيڍولو ۽ شوخ. ساڻس گڏجي ڪارخاني
ڏي ويندو هو ۽ سڄو ڏينهن در تي سندس انتظار
ڪندو هو. شام جو آتي، ڪر ڀڃي، اکيون ڀيو مچڪائيندو،
جيستائين پاشا ٻاهر نڪري. چپ چاپ پاشا جي پنيان
لڳي پوندو. پاشا نه ڪڏهين گار ڏني، نکو ڌڪ

سندس ڪتو ۽ ڳوٺ جا ٻہ، چار پينو فقير ۽ هڪ ٻراڏو چور ۽ شرابي جنهن کي ڪارخاني مان نيڪالي ملي هئي. سندس زال ماٺ هئي. ڀتس اصل ڪونہ رلو. جنهن جنازي کي ڏٺو، بيهي رهيو. چي، ”جوڻس جي جند ڇٽي.“ ”جهڙو هو، اهڙو ڪتو ٿي مئو.“

پاشا کي قبر داخل ڪيو ويو. سڀ هليا ويا. سندس ڪتو بيٺو رهيو. تازيءَ نڪتل مٽيءَ تي ويٺي رهيو. خاموشيءَ سان قبر کي پئي سنگهائين. ڪنڌ مٿي ڪري ڪوڪر ڪيائين. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ ڪتي کي بہ ڪنهن ماري وڌو!

اصل، مئڪسم گورڪيءَ جو، روسي زبان ۾ لکيل

انگريزي ترجمي تان سنڌي ۾ ورتل

# تنقيدي خط

جمال ابڙو

—ادا سائين، مون پنهنجو 'پشو' او هان طرف موڪليو آهي. اميد ته پهتو هوندو. مون 'پشو'، 'بلو دادا' ۽ 'شيدو ڌاڙيل' کان متاثر ٿي لکيو، جو ته انسان جو مقام منهنجي نظر ۾ نهايت بلند آهي منهنجو 'پشو' نه ڌاڙيل آهي نه داداگير، پر هڪ سڌو سنئون انسان آهي. آهن ته اهي ڏينهن هڪڙي ئي ماحول جي پيدائش، پر صرف ان ڪري اسان جي سائن همدردي ٿئي ٿي؟ ائين ته وڏيرو ۽ سيٺ به انهيءَ ماحول جي پيدائش آهن. پوءِ انهن کي ولين (Villian) ڪري ڇو ٿو پيش ڪيو وڃي؟ پوءِ ته اسانجي همدردي وڏيري ۽ سيٺ سان به هئڻ کپي! اسين ته منجهي ٿا پئون! ڇاڪاڻ ته هڪ انسان مسڪين آهي تنهنڪري هو رحم جي لائق آهي ڇا؟ منهنجي دل اها ڳالهه نٿي مڃي.

مان ڀانيان ٿو ته انسان کي 'رحم جوڳو' ٺهرائڻ ئي نه کپي. اها انسان جي توهين آهي. انسانيت جي توهين آهي. انسان نهايت بلند ۽ بالا آهي. هو 'ويچارو' ۽ 'ڪين جهڙو' نه آهي. مفلسي ڪيئن ماري نٿي سگهي. انسان جيڪڏهن ڪندن ۾ اوڀاسيون ڏئي، شوڪارا ڀري چڙهيون هٽي مري وڃي، ته ڇنبو منجهانئس انسانيت ڪڏهوڪي مري چڪي هئي.

انسان اهو جو مفلسي، بيماري، بي علمي ۽ ظلم جي حملن جي باوجود اڳتي وڌي، ڏسڻو آهي ته اهي رنڊڪون سندس 'انسانيت' کي ڪيترو جرڪائين ٿيون. پوءِ انسانيت جي واڌاري جي راهه ۾ جيڪي رنڊڪون آهن، تن کي پاڙئون پٽيندي، ڪو خون ڏيئي مئو ته شهيد ٿيو: ٻر جي ڪو صرف اکين مان پاڻي هاري مئو، ته ٻين کي به دلشڪستو ڪري مئو. انسانيت کي بدنام ڪري مئو. هو ته مرڻ کان اڳي مري چڪو هو! جو مڙيو سو به مئو ۽ پڻ ڪريو. مون انهيءَ ڪري 'پشو'، پيش ڪيو. خبر نه آهي ڪيتري قدر موضوع کي نباهي سگهيو آهيان. اسين اڃان سکون پيا. چئي نٿو سگهجي ته اهو موضوع ڪيتري قدر صحيح آهي، يا منجهس ڪيتري قدر سڌاري جي گنجائش آهي.

ائين نه آهي ته 'شيدو' ۽ 'بلو دادا' ڪو گهٽ آهن. سنڌي افسانوي دنيا جا شاهڪار آهن. 'شيدو' ۾ سندس ماحول جو نقش نهايت فنڪارانه طرز تي پيش ڪيو ويو آهي. لکندڙ جي زنده دلي ۽ احساس جو ثبوت آهي. ٻولي ته لاجواب آهي. ٻر افساني پڙهڻ کانپوءِ ائين ٿو ڀانئجي ته انسانيت سڪرات ۾ آهي ۽ حيوانيت کلي رهي آهي. شايد آءٌ غلط هجان. ڏسجي ٿو ته هيءُ هڪ اختلافي مسئلو آهي........

محمد ابراهيم جويو

—پاءَ جمال،... "بلو دادا" ۽ "شيدو ڌاڙيل" جي باري ۾ جيڪي نڪتا اوهان ظاهر ڪيا آهن، انهن جو تت اوهانجي هن جملي ۾ اچي وڃي ٿو تہ "افساني پڙهڻ ڪانپوءِ ائين ٿو ڀانئجي تہ انسانيت سڪرات ۾ آهي ۽ حيوانيت ڪلي رهي آهي." اوهان انهن افسانن مان جيڪڏهن اهو تاثر ورتو آهي تہ اوهان برابر ٿي سگهو ٿا- پر منهنجي خيال موجب، افسانن جي جملي تاثر جو فقط اهو هڪڙو پهلو آهي. ٻئي ڪندي، اسان جي هن سماج ۾ حقيقت بہ اها آهي تہ انسانيت تي حيوانيت، جو غلبو آهي- پوءِ انهيءَ حقيقت جو اظهار جيڪڏهن افساني نگار، فني نقطي نگاه، کان ڪاميابيءَ سان پيش ڪري، تہ اهو افسانو منهنجي خيال ۾ ڪامياب افسانو چئي سگهجي ٿو. مختصر افساني جي هڪ خصوصيت آءٌ سمجهان ٿو تہ ان ۾ زندگيءَ جو ڪو بہ هڪ پهلو، ڪا بہ هڪ حيثيت پيش ڪئي وڃي، ۽ ان ۾ سماجي ڪيفيتن ۽ پس منظر کي اثرائتي انداز ۾ اپاري. پڙهندڙن جو ڌيان ان جي اصلي حقيقت ڏانهن ڇڪايو وڃي. ڪامياب افساني جي هرو ڀرو اها خصوصيت ڪانهي تہ ان ۾ پيري پيري سان انسان جو اعليٰ مقام پڙهندڙن وٽ ثابت ڪيو وڃي؛ يا نتيجي طور ان ۾ انسانيت ۽ نيڪيءَ جي فتح، ۽ حيوانيت ۽ بديءَ جي شڪست ئي ڏيکاري وڃي.

اهڙي قسم جا افسانا ته شايد فني نقطي نگاهه کان ٿورا به ڪمزور ٿيا، ته مٿن تبليغي افسانن، يا قديم ناصحانه آکاڻين هئڻ جو الزام مڙهجي ويندو. حيوانيت جو ڪلهه ۽ انسانيت جو رئڻ، اڄوڪي سماج جون تلخ حقيقتون آهن. جيڪڏهن انهن حقيقتن کي پيش ڪندي، پڙهندڙ جي دل ۾ حيوانيت ڏانهن نفرت، ۽ انسانيت لاءِ عزت ۽ محبت جو ردعمل هڪ افساني نگار پيش ڪري سگهي ٿو، ۽ ساڳئي وقت پڙهندڙ کي جيڪڏهن انهيءَ الٽي گنگا جي اصلي حقيقت ۽ ماهيت، يعني انجا ڪهڙا سبب آهن، ۽ زندگيءَ جي اها مخصوص حيثيت، جنهن کي جنم ڏنو آهي، تنهنجي سچي سماجي پس منظر ۾، اصل جڳهه ڪهڙي آهي – جيڪڏهن انهن ڳالهين تي افساني نگار روشني وڌي آهي، ته منهنجي نظر ۾ اهڙن افسانن کي ڪامياب افسانا چئي سگهجي ٿو.

اوهان کي معلوم آهي ته آءٌ لکي ڪونه ڄاڻان – ڪڏهن به ڪو افسانو ڪونه لکيو اٿم. شاعر ڪونه آهيان، ننڍي پڻ ڪانسواءِ ڪڏهن به ڪو شعر ڪونه چيو اٿم. سو جيڪڏهن مٿين ڳالهين کي اوهان ڪو به وزن نه ڏيو، بلڪ انهن کي غلط سمجهو، ته اوهان هر طرح حق بجانب ٿي سگهو ٿا.

رسول بخش پليجو

—سائين، ”مهراڻ“ جي هلندڙ سال جي پهرينءَ اشاعت ۾ شايع ٿيل جمال ابڙي جي افساني ”پشو پاشا“ کي پڙهڻ جو موقعو مون کي ڇپجڻ کان اڳ لاڙڪاڻي ۾ مسودي جي صورت ۾ نصيب ٿيو هو، ۽ افساني جو بيباڪ روح، انوکو موضوع ۽ دل-لبائيندڙ عبارت ۽ ٻولي بيحد پسند آيا هئم. ساڳيءَ اشاعت ۾ جمال ۽ اوهان جا دلچسپ خط به شايع ٿيا هئا، انهيءَ ڪري ايندڙ افساني جو منتظر هوس ته من دوست افساني يا خطن تي تبصرو ڪن، پر ڏٺم ته ڪنهن به ايڏانهن پورو توجهه ڪونه ڏنو. آءٌ شايد جمال جي فن جي پهرين پرستارن مان آهيان، ۽ شايد آءٌ ئي پهريون پڙهندڙ هوس، جنهن سندس پهرئين افساني کي پڙهي هن اڳتي هلي مشهور ٿيندڙ سنڌي افسانه نگار کي خط لکي خراج تحسين ڏنو هو. ان بعد هن صاحب، منهنجي درخواست تي، مون کي پنهنجا بهترين افسانا ”پيراڻي“ ۽ ”خميسي جو ڪوٽ“، ”صداقت“ لاءِ عنايت ڪيا. مون کي بن سنڌي فنڪارن جي فن تي تفصيل طور لکڻ جي زبردست تمنا رهندي آئي آهي—اياز ۽ جمال. مون کي آرزو آهي ته ڪنهن ڏينهن پنهنجي وطن وارن کي سنڌ جي گودڙيءَ جي هنن لالن جي صحيح قدر ۽ قيمت ڪٿي ٻڌائي سگهان—خير. اڄ ڪيترن ڏينهن بعد جمال جي هڪ تخليق تي ڪجهه چوڻ جو

موقعو مليو آهي. ستم هي آهي، جو سوچيان وينو ته هن دفعي جيڪي مون کي لکڻو پوي ٿو، سو ڪو پيو لکي ها ته چڱو!

"پشو پاشا" جو مقصد هڪ اهڙو مثالي ڪردار پيش ڪرڻ آهي، جو نه فقط اسان منجهان ۽ اسان جو هجي، پر ساڳئي وقت اسان جي اڳواڻي ۽ رهبري به ڪري، اسان کي موجوده پستيءَ ۽ ذلت جي حالت مان ڇوٽڪارو ڏياري ۽ اسانجين آسن ۽ اميدن کي حقيقت ۾ بدلائي ڏيکاري. ان جو مقصد، سماج جي غير انساني ماحول ڏانهن اشارو ڪرڻ جي بدران، ان کي عمل ۽ جدوجهد جي وسيلي بدلائڻ ۽ ختم ڪرڻ جي راهه ڏيکارڻ آهي. "پشو پاشا" عوام جي ڪامياب جدوجهد جي ڪهاڻي آهي.

اچو ته ڏسون ته "پشو پاشا" جو هيرو ڪهڙين مثالي وصفن جو مالڪ آهي، ۽ هو ڪهڙن وسيلن سان پنهنجي مقصد کي پهچي ٿو. اچو ته ڏسون ته افسانـي ۾ اسان کي ڪهڙي قسم جي عملي جدوجهد جي دعوت ڏنل آهي.

""پشو" قدرت جي اڻ-گهڙيل تخليق هو...... ڏسندي ڏسندي جوان ٿي ويو، ته بـ جهڙو ٻار! ڪنهن کي چڪ، ڪنهن کي رهڙ- پيو اڇلون ڏيندو ۽ ٽپڪندو! رحمدل به هڪڙو ئي هو": ويندي توڙ تائين، سندس ڪردار ۾ اها جذبـاتي ڇلولائي ۽ هلڪائي نظر اچـي ٿـي. سندس سياسي فهم

تو ويهي ته ملڪ جي نظام بدلائڻ لاءِ صرف هڪ چيڙي، جهنگلي، الڙ ۽ ضدي پهلوان جي ضرورت آهي، جو ڪنهن من-موهڻيءَ نازنين جي عشق ۾ نوڪر ڪائي، بغاوت تي آماده ٿي وڃي، ۽ پوءِ زوردار تقريرن سان قوم کي ميدان جنگ ۾ آڻي بيهاري! سياسي تنظيم، اقتصادي ۽ سياسي نظرين ۽ تحريڪن جي ٻڪيڙن ۾ پوڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي.

ظاهر آهي ته هن قسم جي ماڻهوءَ کي پنج سَو سال اڳ ڪيڏي به عزت سان چونه ڏنو وڃي ها، پر ڪم از ڪم اڄوڪي دور جي پيچدار مسئلن ۽ تاريخي مقصدن لاءِ هيءُ ماڻهو ڪنهن به صورت ۾ هڪ فلم-ائڪٽر کان وڌيڪ ڪارآمد ٿي نٿو سگهي. درحقيقت اڄوڪي دور کي ههڙن 'ممتاز-دمسازن' 'جانعالمن' ۽ 'حاتم طائين' جي نه، پر آزمايل سائنسي ۽ اقتصادي نظرين سان هٿيار-بند جاندار تحريڪن ۽ زندگيءَ جي ڪوري ۾ ٽڀي ڪندن تيل دانشور ۽ دانا مجاهد رهنمائن جي ضرورت آهي، جي تاريخ جي نبض کي سڃاڻندا هجن ۽ ان جي هر هيٺاهينءَ مٿاهينءَ کان واقف هجن. مطلب ته "پشو پاشا" ۾، موجوده دور جي حقيقتن ۽ پيچدار تقاضائن کان ڀڄي، خيال پرستيءَ ۽ افراد پرستيءَ جي قديم غارن ۾ پناهه ورتل آهي.

افساني جي عبارت ۽ ٻولي نهايت حسين ۽ لطف ڀري آهي، ۽ واقعات-نگاري بيحد چُٽيندڙ آهي.

مجموعي طور، افسانو هڪ دليريءَ واري ڪوشش آهي، جا ناڪام ثابت ٿيڻ جي باوجود يقينا نين ۽ اڳي کان وڌيڪ ڪاميابين جو پيش خيمو ثابت ٿيندي.

”پشو پاشا“ هڪ خاص ادبي ۽ ذهني لاڙي جي چغلي هڻي ٿو، جنهن لاءِ ڪو نالو بہ رکيو اٿن، پر مٿان ”ڪنڊر مُلپٽي“ جي الزام هيٺ اچان، تنهنڪري رکو ان جي حقيقت ۽ جنهن پس منظر جي اهو پيدائش آهي تنهن بابت بہ اکر لکڻ تي صبر ڪريان ٿو.

وچولي جاگيرداريءَ جي زماني ۾ جڏهن عام انسان سلطانن، خليفن، بادشاهن ۽ شهنشاهن جا تـَـڪن ورتل ٻانها ليکيا ويندا هئا، ۽ سندن بهتر زندگيءَ جي خوابن جي سچي ٿيڻ جي ڪا صورت ڪانہ هئي، تڏهن اديب پنهنجي اميدن ۽ آرزوئن جو اظهار ڪرڻ لاءِ ’حاتم طائي‘ ۽ ’امير حمزي‘ جهڙن ڪردارن وسيلي، ’بوقلمون‘ جهڙن جادوگرن جي جادوءَ جي ڪوتن کي ڪيرائي جذباتي تسڪين حاصل ڪندا هئا. ان بعد، جنن پرين کي ڇڏي مٿئين اميرزادن ۽ اميرزادين جي عشق جي داستانن لکڻ جو رواج پيو. اهڙيءَ طرح اديب پنهنجي روزمره جي زندگيءَ کان پري، خيالن جي ڪاڪ آڏيندا رهيا.

١٧ صديءَ جي آخر ڌاري، نيٺ اديبن پنهنجي ماحول تي نظر ڊوڙائي ان مان پنهنجا موضوع وٺڻ شروع ڪيا- تان جو انگلنڊ ۾ چارلس ڊڪنس، فرانس ۾ ايمل زولا، ناروي ۾ ڊسن، جرمنيءَ ۾ ٿامس مئن،

هيءَ آهي ته انهن کي پيش ڪندي، ترت ـ ڪاميابيءَ جي حرص ۾ حقيقتن جي زمين تان پير نه ڪٽي ڇڏجي.

(جواب ۾)

جمال ابڙو

ـــــادا سائين، اوهان جو خط مليم.

افساني ۾ عام طرح ٻه پهلو ٿين ٿا. هڪ 'ماحول' ٻيو 'ڪردار'. منهنجي سمجهه ۾ ماحول ٻرو ٿي سگهي ٿو پر ڪردار نه. ائين برابر آهي ته ظاهرا انسانيت روئي پئي ۽ حيوانيت کيلي پئي. پر ڇا اها حقيقت نه آهي، ته انسانيت جو رئڻ ڪارنهن ڪي ڏئندو پيو وڃي، يا ائين ڪٿي ڇنجي ته انسانيت اڄ ڪلهه اويءَ ۾ آهي، جتان ضرور جرڪي نڪرندي، سڙي ڪانه ويندي. حيوانيت کلندي کلندي وڃي ڪڏ ۾ ڪرندي ـ انسانيت روئندي اوجل ٿي ويندي.

ٻوءِ جيڪڏهن افساني ۾ 'ماحول' کي مقدم رکيو ٿو وڃي، ته انهيءَ لاءِ ته ٻلي ڪيس اٿلائي پٿلائي، ڇيري ڦاڙي خوب نشانو بنائجي؛ ٻلي ڏيکارجي ته ڪيس پنهنجو ئي گهٽو ڪائي رهيو آهي. اسان جي سنڌي ادب ۾ اهڙا افسانا لکجن پيا. انهن ليکڪن بيشڪ ڪيرون لهٽيون ـ کين مبارڪ هجي.

جڏهن 'ڪردار' کي افساني ۾ مقدم رکيو ٿو وڃي، تڏهن ڇڻ ته ڪنهن ٻنهه نازڪ شي کي ٿو هٿ لائجي. افساني ۾ جذبن جو ڏهڻ ۽ ڪرڻ، ٻيوس ۽ بي حس

موتي ڀنڊاري ڇڏيندا هيون. هيو نه، ته پهرين اهو ته پڌائين ته انهيءَ گندي ڦيٽي ماحول جي اڏ ۾ اها باد پريل آهي، جا پاڻيهي سندس پيٽ ڦاڙي رکندي. من ائين کجهه اميد جا پيغام پهچائين.

ها ائين آهي ته ائين ڪرڻ لاءِ فني پختگي کپي. پر رڳو فني پختگيءَ لاءِ منزل ته ڪانه وڃائبي. اهو وري هر ڪنهن ليکڪ تي مدار آهي. اسين سڀ پالڏ يٽڙا آهيون، ڪچا آهيون. پر نيٺ انهيءَ پختگيءَ کي ڳتڙ ڪان جهليندا اسين. اڄ نه، ته سڀاڻي. اسين نه، ته ٻيا.

الهيءَ ڏس ۾ "پشو" منهنجي ڀرپور ڪوشش آهي. ميچان ٿو ته منجهس اها پختگي ڪانهي. شايد ڪجهه مصنوعي به لڳندو هجي. پر اميد اٿم ته هوريان هوريان مان ۽ منهنجا ٻيا هم سفر سڌرندا ويندا سون.

---

شيخ حفيظ

—پائو، "مهراڻ" جو پنجون پرچو مليم. پڙهيم.
"ڄاڳ پڌائي ڪهوٽ، سنڌڙي تي توکي سڏي"
جهونڪاريندي پوري تماهي، ڪهاري اٿم. وساري نٿو وسري. گيت پڙهيم 'ديپڪ' دل ۾ آگ لڳائي. نظم پڙهندي 'موهن جي دڙي' حال مان ڪيڏي بي حال ڪري ڇڏيو. مضمونن ۾ 'رس پاو' مان جيڪو رس مليو، تنهن چت ۾ اڄ به ڇهڙيون پئي ڏنيون آهن،

سڪ هوندي آهي، سي ڳائڻي جي منهن ذي نهارين ٿي ڪين. اڪيون ٻوٽي آواز جي تار تي پيا تونداڻ ساز جي آواز تي لنو لنو منجهه لڳاءَ پيو لڇندن.

---

مس شمس صديقي

توهانکي خبر آهي ته روز مره جي گفتگو کان الگ هڪ ادبي زبان به ٿيندي آهي؛ زبان جا معمار اديب ٿي ٿيندا آهن؛ زباني گفتگو ۽ لکيت ۾ ظاهر آهي تہ فرق ٿيندو آهي. مسٽر جمال ابڙي جو افسانو "پشو پاشا" پلاٽ جي لحاظ کان ترقي پسند سهي، پر زبان جي لحاظ کان ڪٿي ڪٿي مونکي ٿورو ڪمزور لڳو. لفظي تناسب منجهس ڪجهه گهٽ، ڀرتيءَ جا ڪيترا لفظ منجهس استعمال ٿيل ڏسُم، جن ڪن ڪن جاين تي جملن جي ترتيب کي نوڙي، اصل مفهوم کي وڃي ضرر پهچايو آهي. مثلاً: "پشوءَ جي ذري ذري مان زندگيءَ جا آثار پيا ٽمڪندا هئا". 'آثار' ۽ 'ٽمڪڻ' ... الفاظ تجربا ٿيندا آهن، هڪ مخصوص مفهوم رکندا آهن، انهن جي هڪ مخصوص نشست هوندي آهي؛ لفظن جو استعارا استعمال روا آهي، پر انديءَ ۾ به ڪوشش اها ڪئي ويندي آهي ته لفظ پنهنجو حقيقي مفهوم جيئن نہ وڃائي ويهن؛ نہ ته اوپرا لڳندا ... آثار ظاهر ٿيندا آهن، عيان هوندا آهن، ٻڪندا آهن، جهلڪندا آهن. هيءُ جملو ائين به ٿي سگهي پيو ته

’ پشوءَ جي حرڪت مان زندگي جا آثار بکندا هئا يا جهلڪندا هئا!؟ ساڳيءَ پئرا ۾ ”اڇلون ڏيندو ۽ چلڪندو هو“- پيالن جو چلڪڻ، اکين کي پيمانن سان تشبيهه ڏيڻي انهن جو چلڪڻ، ته پڙهيو هوسين؛ ماڻهوءَ جو اڇلون ڏيڻ ۽ چلڪڻ!... پشوءَ جي ڳالهه هڪ ماڻهوءَ جي ڳالهه آهي يا درياهه جي؟

---

دين محمد لاشاري

ادا، ”مهراڻ“ ۾ مختصر افساني جي فني لوازمات تي هڪ نهايت دلچسپ بحث ڇڙي چڪو آهي. منهنجي دل ٻه سُرڪي ٿي ته جيڪر آن بحث ۾ مان ٻه حصو وٺان. شيخ حفيظ واقعي سچ جيو آهي ته ’مسٽر جمال ابڙي هن موضوع تي بحث ڇيڙي سانتيڪي ۽ بيٺل پاڻيءَ ۾ هڪ قسم جو ڦوڙ اڇلايو آهي“: شايد اهو ڦوڙ اجا ٻه هن پاڻيءَ کي وڏيڪ چوليون ڏياري. مسٽر جمال جي دعويٰ آهي، ته مختصر افساني جا ٻه پهلو تي سگهن ٿا: هڪ ماحول، ٻيو ڪردار. سندس خيال موجب ماحول سٺو هجي يا خراب، آن جي ڪا خاص پرواهه ڪانهي؛ باقي افساني ۾ ڪردار ڪنهن ٻه قيمت تي بلند رهي. هو نه ماحول جو شڪار ٿئي ۽ نه وري حيوانيت مٿس ڪو غلبو ڪري. سندس خيال موجب افساني ۾ جيڪڏهن ڪردار ڪنهن ٻيءَ طاقت اڳيان مجبور ٿيو يا ڪنڌ جهڪايائين، ته پوءِ

آهي. هاڻي ”اسان افسانو ڇو ٿا لکون“ جو جواب نهايت صاف ۽ پڌري پٽ پيو آهي، ته افساني لکڻ وقت اسان کي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جا تلخ تجربا اڳيان هوندا آهن - ۽ پوءِ زندگيءَ جون اهي تلخيون ئي ته، آهن، جيڪي اسان کي مجبور ڪن ٿيون ته اسان مختصر افساني ذريعي، پنهنجي دکندڙ دل جا دونهان ٻاهر ڪڍون. هيءَ هڪ فطري اصول آهي، ته انسان کي جڏهن ڪو صدمو پهچي ٿو، ته پوءِ هو پنهنجن نماڻن نيڻن ذريعي به ٿي گرم لڙڪ هاري، پنهنجي دل تي پيل بوجي کي هلڪو ڪري ڇڏي: پر جي قسمت سانگي ڪو ’پشو پاشا‘ وانگر خود دار ۽ سورهيه - دل نڪري پيو ۽ لڙڪ هارڻ پنهنجي خودداريءَ جي خلاف سمجهيائين، ته به آن درد ۽ صدمي جو ذاتيطور اظهار ڪم از ڪم ڪنهن ’نازو‘ جهڙي محرم راز ۽ غمگسار سان ته ڪرڻو ئي پوندس. بس اِهوئي آهي افساني لکڻ جو بنيادي سبب.

جڏهن افسانو لکجي ٿو ته ڪنهن خاص نقطہ نظر جي پيش ڪرڻ لاءِ يا پنهنجن جذباتن جي ترجماني ڪرڻ لاءِ، ته پوءِ اِهو ممڪن ڪيئن ٿي سگهي ٿو، جو ڪردار ماحول جو شڪار نہ ٿين؟ ڪردار ته پيدائش ئي ماحول جي آهن - پوءِ جهڙو هوندو ماحول، اهڙائي پيدا ٿيندا ڪردار؛ جهڙي هوندي زمين، اهڙي ٿيندي پوک .........

ڪردار ماحول جا محتاج آهن، تنهن جي شاهدي

کان تو رکي. پر جڏهن محترم جمال جون اميدون بر ثواب ٿيندي ڏسون، سندس خواب شرمنده ء تعبير ٿيندو ۽ ڪردار ماحول تي قبضو ڪندا ۽ ”حيوانيت ڪلندي ڪلندي وڃي ڪڏهن ڪرندي. انسانيت روئندي روئندي اوجل ٿي ويندي“، تڏهن نه ’بلو دادا‘ ۽ ’شيدو ڏاڙيل‘ لکڻ جي ضرورت پوندي ۽ نه وري پڻهوءَ جي ڪردار پيدا ڪرڻ جي. پوءِ افسانن جي ’افسانوي‘ دنيا ئي ختم ٿي ويندي.

---

محمد ابراهيم جويو

پيارا جمال، اوهان جو افسانو ”بدمعاش“ پهتل اٿم. ڏاڍو وڻيم. اهڙي سهڻي ۽ چيز جو داد جيڪر هڪدم ڏيان ها، پر هڪ ٻه نڪتا اهڙا هئا، جن لاءِ ٻه چار ڳالهيون عرض ڪرڻ ٿي گهريم، ان ڪري دير ٿي وئي.

افساني ۾ جن ڳالهين تي مون کي عرض ڪرڻو هو، سي هونئن ته اهڙيون حقيقتون اهن، جن کان اسان جو موجوده سماج اڃا ڪونهي، ۽ پلاٽ جو حصو پڻ بنجي سگهن ٿيون، پر ادبي ۽ فني لحاظ کان انهن کي هن افساني ۾ ڪيئن آڻڻ کپي، تنهن تي ڀيهر غور ڪرڻ لاءِ عرض ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو. افساني ۾ پوليس جي ظلم جو هڪ ٻه واقعو، ۽ آخري منظر- جيلر جي روش- ڪجهه اهڙي موقعي ۽ پس منظر ۾ آيل آهن، جي پڙهندڙ کي حسي اذيت ٿيون رسائين، ۽ منهنجي خيال ۾، افساني جي فني بيهڪ ۽ آخرين

تاثر ڪي ضرب پهچائين ٿيون. پوليس جون وحشي ڪارروايون ۽ جيلر جو ٻهيمانه رويو حقيقتون ته آهن، پر انهن کي اديب ڪهڙي نموني ۾ پيش ڪري، اها هڪ سوچڻ جهڙي ڳالهه آهي.

منهنجي نظر ۾ زندگيءَ ۾ هڪ "حقيقت" ڪيتري به ڀيانڪ هجي، ڪيتري به ڪريهه منظر هجي، ان کي ادب ۾ آڻڻ وقت اديب کي نفسياتي نڪتا سامهون رکي، انهن کي چنڊي ڇاڻي، مناسب انداز ۾ مؤثر نموني ۾ پيش ڪرڻو پوندو.

اوهان ٻه حقيقتون پيش ڪيون آهن. ۽ جن لفظن ۾ پيش ڪيون آهن، انهن لفظن کان وڌيڪ مناسب ۽ موزون لفظ شايد ئي ملي سگهن. ۽ واقعي اسان جي پوليسي راڄ ۾ انهن کان به وڌيڪ وحشتناڪيون نظر ايندين. پر، انهن جي پيش ڪرڻ جو موقعو ۽ محل. خاص ڪري سڀ کان آخرين واقعي جو. اهڙو ته اڻ سهائيندڙ مونکي لڳو، جو پڙهڻ کانپوءِ سمجهيم ته روح کي ڪنهن چڻ مٿ ۾ جهلي وٺي ڪٽي پوساتيو هجي. اها ته ذهني ڪوفت ۽ عذاب محسوس ڪيم، جو سمجهيم ته ڄڻ انسان جو جيڪر امتيازي ۽ بنيادي شرف آهي، تنهن کي ڪنهن ختم ڪري ڪٽي ڦٽو ڪيو هجي. جيتري قدر آءٌ سمجهان ٿو، اوهان جو ڪردار 'بدمعاش' جنهن ماحول جي پيدا وار آهي، اهوئي سندس انهيءَ گناهه جي ذوق کي پڙڪائڻ لاءِ جوابدار آهي. اوهان پڙهندڙن جي

دلين ۾ انهيءَ ڪردار لاءِ همدردي ۽ رحم پيدا ڪرڻ واسطي، سندس ماحول کي چٽيو آهي ته چاڪاڻ ته سموري زندگي هو پيار، همدردي، انسانيت جي ورثاءَ ۽ پنهنجائيءَ جو بکيو پئي رهيو آهي. انهيءَ نفسياتي بک جي ڪري، هن جو ڪردار گناهه ۽ انسانيت جي خلاف ڪمن ۾ آيري ڏنو. انهيءَ لاءِ درجي بدرجي اوهان مرحلا مقرر ڪيا آهن، جتان هو وڏيڪ گهاو کٽي، وڏيڪ چٽو ٿيڻ لڳي ٿو. ساڳئي وقت، انهيءَ سموري عرصي ۾ اوهان پڙهندڙن جي دلين ۾ هن لاءِ همدردي، پنهنجائپ ۽ قرب پيدا ڪندا رهيا آهيو. تان جو جڏهن آخرين طرح جيل ۾ وڃي ٿو، تڏهن پڙهندڙ لاءِ هو هڪ نهايت عزيز ۽ عزت واري چيز بڻجي پوي ٿو. عين انهيءَ گهڙيءَ، اوهان جيلر کان هن جي ذاتي عزت نفس ۽ شرف انسانيت کي جنهن نموني ذليل ڪرايو آهي، اها ڳالهه پڙهندڙ لاءِ سڄي افساني جي رخ کي منجهائي ٿي ڇڏي، ۽ هو انتهائي اذيت جي احساس سان افساني کي هتان ڇڏي ٿو ڪري، ائين ڪرڻ ۾ اوهين ڪيتري قدر حق بجانب هئا، ۽ منهنجي ذهني رد عمل سان متفق آهيو يا نه. ان لاءِ هن وقت آءُ ڪجهه چئي نٿو سگهان.

مهرباني ڪري انهن ڳالهين ۾ منهنجي ڪجهه رهبري ڪندا.